


# پرين تنهنجي پياس ۾

(ڪلام فقير ولي بخش راڄڙ)

مرتب

فقير محمد بخش راڄڙ "ضامن"


سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2023ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا درگاھ جي سجاده نشين وٽ محفوظ

چاپو ٻيو جنوري 2023ع تعداد 500

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگھجي.

قيمت: چار سؤ رپيا

(Price: 400-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگھئي ڇپيو ۽ سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ارپنا

آئون هي رسالو وڏي عقيدت سان
قبلہ مرشد مخدوم محمد امين فهيم سائين
جن سان منسوب ڪريان ٿو جو هي سموريون عنايتون سندن ئي
نظر ڪرم جي طفيل آهن جا هميشہ رهندي آئي آهي ۽ رهندي اچي.
هي حقير وري بہ عرضدار آهي.

فقير محمد بخش راڄڙ ”ضامن“
ڀاريدار درگاهہ منئار فقير راڄڙ
ڪاٽي

# ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”پرين تنهنجي پياس ۾“ سنڌ جي ناميارِي شاعر فقير ولي بخش راڄڙ جي ڪافين جو مجموعو آهي، جنهن ۾ الله جل جلاله جي واکاڻ ۽ پنجتن پاڪ جي ثناخواني بيان ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب فقير محمد بخش ضامن ترتيب ڏنو آهي. فقير ولي بخش راڄڙ جي ڪلام ۾ الهامي شاعريءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. سنڌس شاعريءَ جي ٻولي نهايت ئي سهڻي ۽ سادي آهي. جنهن ڪي هر خاص و عام آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

فقير ولي بخش راڄڙ جي ڪافين جو هيءُ مجموعو ”پرين تنهنجي پياس ۾“ سال 1999ع ۾ منثار فقير اڪيڊمي طرفان شايع ٿيو. هِن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت کي پرکيندي، بورڊ طرفان ان کي ٻيهر شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ رکيل مختلف موضوعن جي قلمي مخطوطن ۽ پبليڪيشن شعبي ۾ موجود اڻڇپيل مسودن جي اشاعت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن.

عزتمآب جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن طرفان شروع ڪرايل ڏيڍ سؤ صحفن واري اشاعتي اسڪيم تحت هيءُ ڪتاب ”پرين تنهنجي پياس ۾“ پڻ اِن سلسلي جي ڪڙي آهي. جنهن جو هيءُ ڀهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي تہ، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش شاعريءَ سان چاهہ رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

19- جمادي الثاني 1444ھ سيد سڪندر علي شاھ

12- جنوري 2023 ع سيڪريٽري

# فهرست


حضرت قبلہ مخدوم محمدالزمان طالب المولىٰ................. 11

سائين جن جا فقير ولي بخش سائين جن ڏانهن لکيل ........... 13

ہ يادگار خط

حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر سائين جن جو فقير ولي بخش سائين جن ڏانهن هڪ يادگار خط....................... 17

۽ سندن طرفان لکائي موڪليل قلمي نسخي جي هڪ صفحي جو عڪس

حضرت قبلہ مخدوم محمد امين فهيم.......................... 20

سائين طرفان لکيل ہ اکر

مخدوم جميل الزمان........................................ 21

سائين طرفان لکيل ہ اکر

فقير ولي بخش سائين جن جا هٿ اکر 22

فقير ولي بخش جن جي سوانح حيات فقير محمد بخش (ضامن) 31

فقير ولي محمد سائين منهنجي نظر ۾ سرفراز راڄڙ........... 51

مون سي ڏنا ماءُ (پيارو خان شر)............................. 54

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ- ڊاڪٽر اسد جمال پلي............... 56

# ڪافيون


63

1 الله الله سبحان آهي........................................ 65

2 حبيبي ڪبريا هادي........................................ 66

3 مدد منهنجي ڪريو مدني........................................ 67

4 علي ياعلي علي بوتراب........................................ 68

5 علي يا شاهه مردان شيرِ خدا تون........................................ 69

6 رک هردم حب حسنين سندي........................................ 70

7 ڪريو مومن ماتام مهندار سندو........................................ 71

8 نرمل نوح فقير........................................ 72

9 سخي شاهه سرور ڪريو نيڪ نظر........................................ 73

10 پارس پکن ڏٺي پير........................................ 74

11 هوش ڪري تون ٿيءُ هوشيار........................................ 75

12 آيو طالب سندو موليٰ........................................ 76

13 محب منا منتار........................................ 78

14 اڄ پرين پاتا پرت جا پير........................................ 80

15 حاڪم سائين هلي آ هاڻ........................................ 81

16 پچ ساقي ڪان تون مئي جو مُل........................................ 82

17 ناهي طلب تن ۾ تار بي........................................ 83

18 ڪڏهن اگڻ تي منهنجي ايندون........................................ 84

19 محب مسافر يار........................................ 85

20 دوست منا دلدار وي........................................ 86

21 ساقيا مئي جام پياريو........................................ 87

22 صبح سان سوائي ڏيو سُرک ساقي........................................ 88

23 حاڪم هوت هِئين جا هار........................................ 89

24 قرب ۾ اوهان جي ڪيا ڪيا........................................ 90

25 محب منا دل جاني وي........................................ 91

26 اڪڙين جي اسرار ڪيا دانهه ديوانا........................................ 92

27 مون ڪي ماڻن ساڻ ماريو........................................ 93

28 دل حُسن لٽي لٽيائين ۽ صبر شرم........................................ 94

29 واهه واهه شاهه حُسن جو سير آهي........................................ 95

30 پهرين پيار ڏيئي دلڙي يار........................................ 96

ڏتاري.............................

31 مٺا محب جاني ياور يگانا.................................. 97

32 سڪندي ٿيا ڪئين سال اچو يار اوري.......................... 98

33 سڻ تہ ڪٿي جي هيءَ ڪوڪار................................ 99

34 اچ يار وري هڪ واري.................................... 100

35 مٺا محبوب من مهٽا........................................ 101

36 تنهنجي عشق مون سان ڪيون............................... 102

37 آيو عجيب ڪري امداديون................................ 103

38 اجهي آيون امالڪ آيون................................... 104

39 پلا چا ڪان چو آهه وساريو.................................. 105

40 سهٽا يار سڄڻ اهڙو ثواب نہ ڪر.............................. 106

41 عشق آ عجب عجاب......................................... 107

42 ڪريو عشق عليل......................................... 108

43 عجيبن جون اڪيون......................................... 109

44 سچي درد بنان سا بات ڪهڙي................................ 110

45 مون کي دوست دلبر ڇڏيو تو وساري......................... 111

46 تنهنجي تانگهہ طلب مون کي تات آهي....................... 112

47 پهرين گڏي گوڏي وهاري..................................... 113

48 منهنجو تون ئي آهين......................................... 114

49 دلدار دلڙي ويو ڪٽي....................................... 115

50 سو سو سلامن تون ڏيئي.................................... 116

51 چوڻ دل جي اڪيون اڙيون.................................. 117

52 تنهنجا گڻ ۽ ڳالهيون يار................................... 118

53 صدق صدق............................................... 119

54 محبت ۾ منهنجا مٺا......................................... 120

55 تنهنجيون ڳالهيون سڄڻ.................................... 121

56 حال پائي آ هيڪر......................................... 122

57 ويهہ نہ منهن تون متي متي................................ 123

58 مندون موتي وري آيون.................................... 124

59 پرين پاريو ائين پنهنجو..................................... 125

60 جيبس جانيءَ ياد ڪياس.................................... 126

61 مالڪ توکي ڪيو متانهون................................ 127

62 محمّد منصور ٿيو مانجهي................................ 128

63 سهڻو ساميئڙو دلڙي لُٽي ويو................................ 129

64 اڃا ڪونه آيو ڪو قاصد قريبن................................ 130

65 ادا ساٿي سڄڻ ڪي................................ 131

66 پانڌي پچايان تولاءِ ڪانگ اُڏايان................................ 132

67 باھ برھ جي يار پڙڪائي................................ 133

68 ماري ماڻن سان مشهور ڪيئي................................ 134

69 هيڪر نام خدا جي نهار ڪٽي................................ 135

70 جهاتي پايو منهنڙو لڪايو چڏي................................ 136

71 ڪٽي خبرون ڪريون خاصيون................................ 137

72 اُتي جاڳ جوڳي تون جاڳي جفا ڪر................................ 138

73 منهنجو دوست دلبر اجهو يار آيو................................ 139

74 تون هي تون جي ڪر تنوار................................ 140

75 مٺا محبوب دل جاني................................ 141

76 جيئو جانب سدا جڳ ۾................................ 142

77 انئي پهر اُداس................................ 143

78 ساٿي ڏيج سلام................................ 144

79 عمر مرم مارن جو مون کي تو ماري................................ 145

80 عمر اباڻي پار وٺا مينهن موڪون................................ 146

81 وطن وڃڻ جي مون کي................................ 147

82 عمرڪوٽ ۾ آءٌ................................ 148

83 عمر منهنجا اباڻن ساڻ................................ 149

84 ڪٽي مارو منهنجا ڪٽي آئون رهيس................................ 150

85 مون کي پل پل ياد پهنوارن عمر................................ 151

86 لاٿي لئون توسان مون دلڙي قرائي................................ 152

87 محب مٺا دل جاني................................ 153

88 توريءَ ساعت سال برابر................................ 154

89 دلڙي ڪئي تو ديواني................................ 155

| | | |
|---|---|---|
| 90 | مون سان مُحب مٺي منٺار ...................................... | 156 |
| 91 | موت منا منٺار وو يار.................................................. | 157 |
| 92 | سڪ ريت پريت پڄائڻ جي ...................................... | 158 |
| 93 | ساهڙ منهنجو ساهه................................................... | 159 |
| 94 | اچي ساهڙ تي ساٽي................................................. | 160 |
| 95 | ڪامون جيئڻ لائي متان ڙي ...................................... | 161 |
| 96 | ور ٻه مان وري............................................... | 162 |
| 97 | سسئي چڏ نه ست ڙي ............................................ | 163 |
| 98 | جت وڃئي تو زور ڙي .............................................. | 164 |
| 99 | ڪنيزڪ ڪيچيءَ جي اصل ڪان آهيان آئون................. | 165 |
| 100 | آءٌ ڪم ذات ڪوجهي ............................................... | 166 |
| 101 | آيو تڙ تماچي............................................... | 167 |
| 102 | سوڍل ڪي ڙي سرتيون............................................ | 168 |
| 103 | ميارون مون ڏي مهندرا............................................ | 169 |
| 104 | بيت.................................................. | 170 |


# مهاڳ

فقير ولي بخش تاريخ 24 ذوالقعد 1331هجري تي جائو. سندس والد پير بخش فقير نندي هوندي ئي وفات ڪري ويو. جنهنڪري سموري تعليم و تربيت سندس ڏاڏي منٺار فقير ڪئي. هو هر وقت فقير صاحب جي حاضريءَ ۾ رهندو هو ۽ فقير صاحب جو ڪلام نقل ڪندو هو.

فقير ولي بخش راڳ جو تمام گهڻو شوقين هو. ان شوق ۾ هن اڳتي هلي سٺي مهارت حاصل ڪئي.

فقير ولي بخش، مرشدنا حضرت مخدوم غلام محمد صديقي و قريشي (گل سائين) جن جي حاضريءَ ۾ گهڻو عرصو رهيا. ڪانئن فيض ۽ دعا حاصل ڪيائين. هو سهروردي طريقي جي ذڪر، فڪر، سماع ۽ ڌهرن جو چاڙهو هو ۽ صبح و شام ورد هوندو هوس.

فقير جو ڪلام گهڻو ڪري ڪافيون ۽ بيت آهن. ڪافين جو تعداد اندازاً هڪ سؤ ڪان مٿي آهي ۽ ڪجهه قدر بيت پڻ آهن. سندس ڪافيون سنڌي موسيقيءَ جي معيار تي صحيح طور پرکي سگهجن ٿيون.

فقير ولي بخش جو هي ڪتاب، سندس فرزند فقير ولي محمد ڇپايو آهي، ساڻس تعاون پياري خان شر، سيد گل شاهه، حاجي فيض محمد هنگورجي ۽ سرفراز راڄڙ ڪيو آهي.

اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو مننار فقير جي ڪلام جا ٽي ڪتاب ۽ فقير ولي بخش جو هي ڪتاب هڪ ئي وقت سال 1984ع ۾ شايع ٿي رهيا آهن.

فقير ولي بخش سان منهنجون ڪچهريون به ٿينديون رهيون آهن. هو سٺي ادبي سوچ ۽ سمجهه رکڻ وارو شخص هو ۽ ڪيس پنهنجي مرشد ۾ وڏو ويساهه ۽ پروسو هو. سندس وفات 29 محرم 1404هجري مطابق 5 نومبر 1983ع ڇنڇر رات ٿي. اهو به عجيب اتفاق آهي ته هو ڇنڇر ڏينهن ڄائو ۽ ڇنڇر رات گذاري ويو. سندس عمر هجري سال جي حساب سان 73 سال هئي. ڪيس مننار فقير جي وصيت موجب سندس مزار جي اولهه طرف دفن ڪيو ويو آهي.

اميد آهي ته فقير ولي بخش جي ڪلام جو هي مجموعو سڄي سنڌ ۾ ڪامياب ۽ مقبول عام ٿيندو.

هالا

20 سيپٽمبر 1984

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

---

قبلهِ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن طرفان 1984ع ۾ فقير ولي بخش سائين جن جي رسالي جي ڇپائڻ لاءِ ٿيندڙ تيارين جي سلسلي ۾ لکيل مهاڳ.

-----

ان وقت فقير ولي محمد سائين جن جي اوچتي وصال سبب اهو ڪم رڪجي ويو.

(حضرت مخدوم طالب المولیٰ جو خط فقير ولي بخش ڏانهن)



هالا
۱۲ / سپٽمبر ۱۹٥٢ء

صداقت تخميس، عقيدت انديش فقير ولي بخش سلمه الله

السلام عليکم ورحمة الله وبرکاته -

معلوم هجي ته سنڌ جا فقير مرحوم جي وفات جي تاريخ محفوظ سال -
ان سان گڏ فقير جي زندگي جو بيان لکي ٽپال رستي يا ماڻهو جي
هٿ موڪليو - جيڪڏهن فقير جي جنم جي تاريخ به هٿ
اچي سگهي ته بهتر نه ته اندازاً سال ڏئي ته فقير جي
عمر انتقال وقت ڪيتري هئي وغيره - ڪوشش ڪري جلد
موڪليو -
٢ ساڳي طرح پير ڏنل فقير ٻيل جي به وفات جي تاريخ،
عمر، سندس ٻئي ڪلام، حياتي جو بيان ۽ فوٽو اهي؟
موڪليو - فوٽو سندس ورتي واپس ڏبو -

والسلام
صادق
محمد زمان

ربيع الثاني ١٣٨٥ھ

بسم الله

بخدمت جناب

صداقت ڪيش عقيدت انديش سيد صاحب طيب ولي

السلام عليڪم. معلوم ٿيو ته هالا مرحوم فقير ستار جا ڪلام ڇپائڻ گهرجن

انهن اندر سوانح شريف في ابتداء مشهور ٿيڻ گهرجي

هي حقيقت گهڻي دل آهي ليڪن ٻڌائيندا

انهن کي [illegible] نه هلي ته ڇپائي ڪندا.

حقيقت ۾ اڪيلو ته لاڪي ۽ لوڪن ۾ محبت وارو

محسن آهي: فقير صاحب جهڙي ڪلام ۾ محبتي محسن

نه ٿيو آهي. فقط

اسين تهڙا اوڏو غريب. لاڪاڻي ننگر وغيره جو

والسلام

نسخي جي هڪ صفحي جو عڪس جيڪو 1939ع ۾ فقير ولي بخش سائين جن ڏانهن لکرائي موڪليو)


١٢ مارچ
١٩٣٩

مخدوم مولوي غلام حيدر سائين جن طرفان ملفوظات شريف جي لکرائي موڪليل حصي جي باري ۾ سندن خط


١٧ مارچ
١٩٣٩

(حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر جو فقير ڏانهن لکيل خط)

# ٻه اکر

اها ڳالهه باعث مسرت آهي ته ”منٺار فقير اڪيڊمي“ طرفان پرين تنهنجي پياس (ڪلام فقير ولي بخش راڄڙ) ڇپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي. فقير ولي بخش مرحوم منٺار فقير رح جو پوٽو هوءِ انهيءَ ناتي شاعري سندس ورثي ۾ آئي.

حالانڪ فقير ولي بخش مرحوم جو گهڻو ڪلام پاڻ سندس حياتي ۾ ئي ضايع ڪري ڇڏيائين. ۽ پوءِ ڪيترو وقت شاعري ڇڏي ڏنائين. وري زندگي جي پوين ڏهاڙن ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين جيڪو هن مجموعي ۾ شامل آهي.

فقير ولي بخش مرحوم ڪافي جو پختو شاعر هو پاڻ پيهر ان دور ۾ ڪافي چوڻ شروع ڪيائين جڏهن سنڌ تي غير ڪلاسيڪل غير عروضي ڌارين صنفن جو اثر وڌڻ لڳو. قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان سائين طالب المولىٰ ته نه صرف ڪافي تي هڪ لاجواب ڪتاب لکيو بلڪ پهريون دفعو ڪافي مشاعرو ڪرايو. جنهن بين سيني رجحانن ۾ تبديلي آندي.

فقير ولي بخش مرحوم جيئن ته راڳ جي فن مان

مڪمل آگاھہ هو. انڪري سندس ڪافي ۾ موسيقي جون سڀ رمزون موجزن آهن.

هن دور جو ڪوبہ فنڪار راڳي ولي بخش مرحوم جي ڪافي ڳائيندو تہ ڪيس ڏُن خودبخود ملي ويندي.

جڏهن قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ حج بيت الله جي سعادت تان واپس وريا تہ فقير ولي بخس مرحوم هڪ ڪافي:

اڄ پرين پاتا پرتئون پيرِ، اهي پير چمان پيزار چمان.

چئي هئي. هيءَ ڪافي هن وقت بہ سنڌ جي فقراءَ ۾ مقبول عام آهي.

اسين منٺار فقير اڪيڊمي جي ڪارڪنن کي جَس تا ڏيون ۽ دعا تا ڪريون جن هن اهم ڪم کي سرانجام ڏنو آهي.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘

سجاده نشين درگاهہ حضرت نوح

رحہ هالا

# پہ اکر

مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ جن جي سربراهيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ ادب جي واڌاري لاءِ نمايان ۽ بهتر انداز ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ان تسلسل ۾ فقير ولي بخش جو هي رسالو ]پرين تنهنجي پياس ۾[ شايع ٿي رهيو آهي، جيڪو پهريون دفعو 1999ع ۾ منٺار فقير اڪيڊمي طرفان شايع ٿيو هو ان لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي اراڪين کي جَسُ هجي.

فقير ولي بخش مرحوم جو سنڌي ڪافيءَ جي شاعرن ۾ سٺو مقام آهي ۽ سندس ڪافين ۾ نہ صرف نج سنڌي سماج جو عڪس نمايان آهي پر وحدت جون وايون، تصوف جا نقطا ۽ فن جون تمام موشگافيون موجزن آهن. سندس ڪلام ۾ جيڪا مرشد جي محبت ۽ سڪ جي ڪشش سمايل آهي، سابہ لاجواب آهي. اسين سندس خاندان لاءِ دعاڳو آهيون تہ اُهي فقير جي نقشِ قدم تي هلي ڪامياب

رهن. آمين.



**مخدوم جميل الزمان**

سجاده نشين درگاهه حضرت غوث

الحق

مخدوم سرور نوح رحه هالا



**(هٿ اکر فقير ولي بخش راڄڙ)**



فقير ولي بخش سائين قبلہ مخدوم سعيدالزمان سائين جن سان سالانہ ميلي جي محفل ۾ 1982ع ڌاري



فقير ولي بخش سائين 1950ع واري ڍاڪي ۾ درگاهہ شريف تي سماع دوران



فقير ولي بخش سائين



فقير ولي بخش سائين جن درگاهہ شريف تي ذڪر سماع دوران سائڻ گڏ فقير ولي محمد سائين رحہ، فقير محمد بخش ضامن، فقير لطف علي ۽ ٻي فقراهہ.

اندازاً 1982ع يا 1983ع



ويٺل وڏيرو پرچي ولد حاجي مير حسن، فقير ولي بخش سائين،
فقير قبول محمد ۽ وڏيرو حافظ ولد جيئڻ
مٿان بيٺل ساڄي وڏيرو عبدالله ۽ کاٻي فقير ولي محمد سائين
عليہ رحمتہ
اڳيان ويٺل ابراهيم فقير پير بخش ۽ علي بخش ولد فقير قبول
محمد



فقير ولي بخش سائين 1950ع جي ڍاڪي ۾ درگاهہ شريف
تي فقراهہ سان



فقير ولي بخش سائين جن پنهنجن پوٽن فقير محمد بخش ضامن ۽ فقير لطف علي سان



فقير بخش سائين 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ميلي جي موقعي تي ٺهندڙ تمام وڏي مچ جي پاسي ۾ ويٺل. بعد ۾ قبلہ طالب المولي سائين جن مچ ننڍي ڪرڻ جو حڪم فرمايائون جيڪو اڄان هلندو اچي.



1950ع واري ڏهاڪي ۾ فقير ولي بخش سائين جن درگاهه شريف جي اڳيان



فقير ولي بخش سائين هڪ نجي محفل ۾ مشهور فنڪار قادربخش
کهيري کي ڳارائيندي، فقير محمد بخش ضامن ٻه ويٺل مٺان بيٺل
معمور يوسفاڻي ۽ ولي سروري



فقير ولي بخش سائين وحدت فقير نقرچ جي ميلي ۾ ويٺل صادق
فقير پنيرو، عبدالمجيد نقرچ ۽ درمحمد فقير نقرچ گڏ ويٺل




هي راند حضرت قبلا مرشد غلام محمد گل سائين جن کان فقير ولي بخش سائين جن کي ملي، جنهن جو نقل پريل فقير پئنار فقير سائين جي جوڙايل رسالي بحر لعاشقين ۾ ڪيو. هي ان جو

عڪس آهي هن راند ۾ انسان جي زندگي جو خاڪو ڏنل آهي ته کهڙين جاين تي بلائون آهن جن کان بچڻ گهرجي ۽ ڪتي چاڙهيون آهن جتان چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

حضرت منٺار فقير رح جو خانداني شجرو

## سوانح حيات فقير ولي بخش راڄڙ عليه رحمة

سونهاري سنڌ تي الله سائين جي اها عنايت رهي آهي جو منجهس ڳاٽيتي کان وڏيڪ اولياء الله پيدا ٿيا وقت بوقت ڪيئي ناميارا بهادر بيباڪ انسان ايندا رهيا آهن جن پنهنجو نالو اهڙو ته روشن ڪيو جو سندن دنيا ۾ وارو وڃائڻ کي ته ورهيه ٿيا پر اڄ به ائين ٿو لڳي ڄڻ ته اهي اسان وٽ موجود آهن واقعي به اهي ته آهن ئي هميشه حيات جيئن فقير منٺار سائين جن هڪ ڏهر ۾ فرمايو آهي ته:

جي مري جيا منٺار چئي، هوندا سي حيات،<br>
جن پاڻ هڻڻ پاسي ڪري، پنهنجو الله ڪيئون اثبات،

الست بربڪم قالوبليٰ ڪن ياد هڪ ئي حرفات،<br>
انهن جي آسڻ تي آهي راتو ڏينهن رحمات،<br>
پيا موڳا مريو ٿين مات، هو مرد مرن ئي ڪين ڪي.

انهن املهه انسانن مان فقير ولي بخش سائين جن به هڪ هئا.

ولادت باسعادت

پاڻ مشهور صوفي شاعر مننار فقير راڄڙ (رحمة الله عليه) جن جي اڪيلي فرزند فقير پير بخش جن جي گهر ۾ جنم ورتئون. اها تاريخ 24 ذوالقعد 1331ھ بروز ڇنڇر هئي. 25 آڪٽوبر 1913ع.

سندن ننڍپڻ

پاڻ اڃا ٽن سالن جا مس هئا ته سندن والد دنيا مان رحلت فرمائي. ان بعد سندن پرورش سندن ڏاڏي حضرت مننار فقير راڄڙ (رحمة الله عليه) جن ڪرڻ فرمائي. فقير سائين جن جي ڏنل تربيت ئي کين هڪ ڪامل انسان بڻائڻ لاءِ ڪافي هئي.

تعليم

ان وقت تعليم جون سهولتون گهٽ هئڻ ۽ حضرت فقير سائين جن جي گهڻو ڪري سير و سفر تي هجڻ ڪري ٻني ٻاري ۽ اوطاق وغيره جون جوابداريون ننڍي هوندي کان ئي مٿن اچڻ ڪري پاڻ ظاهري تعليم حاصل نه ڪري سگهيا. اڃا سن بلوغت کي مس رسيا ته هڪ دفعي محرم شريف جي ڏهين تاريخ مرثيه خواني هلندي فقير سائين وڏن جو آواز اوچتو رڪجي پيو (شايد قدرتي طرح سبب نهڻو هو بهاني سان عنايت ٿيڻي هئي) پاڻ آواز کي درست ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪيائون پر آواز نه هليو ڀريل مجمعي ۾ نظر ڦيريائون ٻه دفعا نظر ڦيرائڻ بعد ٽيون دفعو نظر وڌائون ته فقير ولي بخش سائين تي نظر پين هڪدم کين سڏي چيائون ته پڙهه پاڻ چئيون ته آئون ته پڙهي ڄاڻان ئي ڪونه پر فقير صاحب جن وري چين ته پڙهو ته پاڻ وري اسرار ڪيائون ته ڪيئن پڙهون پڙهيل ئي ڪونه آهيون ته فقير صاحب جن حڪم جي انداز ۾ چيو ته اسين ٿا پڙهايون اوهين پڙهو. بس پوءِ ته ڪتاب کولڻ جي دير هئي لفظ ائين ايندا ويا جڻ پڙهڻ ڪو مسئلوئي ڪونهي ۽ اهو مرثيو به آواز بلند پڙهي پورو ڪيائون. اهو غالباً سچل سائين جو مرثيو هو جيڪو ان وقت پڙهيئون پي اهو ڪتاب به اڃا موجود آهي جيڪو پراڻي سنڌي ۾ لکيل آهي جيڪو اڄڪلهه جي پڙهيلن کان مشڪل پڙهجي. ان واقعي بعد فقير سائين لاءِ لکڻ پڙهڻ ڪو مسئلو ڪونه رهيو. سندن مطالعي لاءِ ڪافي ناميارن ڪتابن جو ذخيرو سدائين سندن سيراندي کان محفوظ رکيو هوندو هو. جيڪو اڄ تائين موجود آهي انهن ڪتابن ڏسڻ سان يا جن ماڻهن کين ڏٺو هوندو يا ساڻن ڪچهري ڪئي هوندي ته بلاشڪ ائين لڳندو جڻ پاڻ اعليٰ تعليم يافته آهن.

ان نظر ڪرم سان نه رڳو پاڻ لکڻ پڙهڻ سکيا بلڪ الله

سائين کين علم عقل فهم بيباڪي، دورانديشي ۽ فقير اڪر جي جملي وصفن تي عبور عطا ڪيو. بيشڪ جن ماڻهن ساڻن ڪچهري ڪئي هوندي اهي ئي ان ڳالهه کي ڄاڻندا ته سندن هڪ هڪ وصف تي لکڻ جڻ درياء کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ برابر ٿيندو.

سندن شادي

پاڻ اچا جواني ۾ قدم ئي مس رکيئون ته فقير سائين وڏن ڳوٺ مان ئي پنهنجي برادري مان سندن شادي ڪرائي.

حضرت منٺار فقير سائين ﷫ جن 10 شوال 1353هه 16 جنوري 1935ع تي دنيا مان وصال فرمايائون. ۽ فقير ولي بخش سائين رحه جن درگاهه شريف جا پهريان سجاده نشين ٿيا.

سجاده نشيني

پاڻ قبله مرشد مخدوم غلام محمد گل سائين ﷫ سجاده نشين درگاهه مرشد سرور نوح فقير ﷫ جن کان ذڪر تلقين ورتئون ۽ اها قبله مرشد سائين جي نظر ڪرم ئي هئي جو ايتري ننڍي عمر ۾ درگاهه جي خدمت و رياضت ۽ فقير سائين وڏن جي وسيع تعلق سان پورو نباهي پنهنجا مداح به پيدا ڪري ويا. هر ماڻهو کي ائين لڳندو هو ته جڻ فقير منٺار سائين اسان وٽ موجود آهن. پاڻ ان وقت هڪ اهڙو اعزاز ماڻيائون جو سرور شاهه جي پوري جماعت مان شايد ئي ڪنهن ماڻيو هجي. اهو هيئن جو ان وقت ۾ فوٽو اسٽيٽ ڪاپي جي سهوليت ڪانه هئي پر قبله مخدوم مولوي غلام حيدر سائين جن خصوصاً هڪ ڪاتب وهاري مرشد نوح فقير ﷫ جن جي ملفوظات شريف جا نثر ۾ آهي ان جو ڪجهه حصو نظم ۾ قلمبند ڪرائي ان ڪاتب هٿ ئي فقير ولي بخش سائين ڏانهن ڏياري موڪليائون. ان ڪاتب جا هٿ اکر به پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جڻ لفظن جي جاءِ تي موتي پويل آهن ان ملفوظات شريف جي مطالعي به سندن وڏي رهنمائي ڪئي ڪين پنهنجي مرشد ۽ ان جي ڏسيل طور طريقن متعلق جيتري ڄاڻ هئي شايد ئي ڪنهن ٻئي کي هجي ٻڌجي ٿو ته سندن والد محترم فقير پير بخش جهڙو ذڪر ڏهر ۽ تسبيح سماع ڪنهن ڪانه ڪئي پر ڪين به ذڪر ڏهر تسبيح متعلق جيتري ڄاڻ هئي ۽ جنهن انداز سان ڪندا هئا اهو به ٻي ڪنهن کان نه ٿي سگهيو.

سندن قبلہ مرشد گل سائين رحمة الله عليه جي جن خدمت ۾ به گهڻو رهڻ ٿيو ۽ باقاعده فقيري فيض حاصل ٿين ۽ روحاني رمزون ماڻيائون.

شاعري

پاڻ فقير سائين وڏن جي حياتيءَ ۾ ئي تمام ننڍي عمر ۾ شاعري شروع ڪيائون شعر لکندا سهيڙيندا ويا هڪ دفعي انهن شعرن کي ڪتابي شڪل ڏئي فقير منٺار سائين جن کي پيش ڪيائون، نظرثاني لاءِ فقير سائين جن شعرن جي مطالعي بعد ڪافي داد ڏنائون ۽ فرمايائون ته شاعري ته اوهان جي ڏاڍي سٺي آهي نالي کان سواءِ ماڻهو اسان جي ۽ اوهان جي شاعري ۾ فرق محسوس ڪري نه سگهندا. پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا پر وري وقت سان گڏ هڪ دفعي اهڙي فقيري اوقات ۾ آيا جو اهو سڀ شعر ضايع ڪري ڇڏيائون، ڪو هڪ شعر يادگار طور به نه رهيو. ان بعد ڪافي عرصو شاعري ڪونه ڪيائون. پر وري جڏهن قبلہ طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن حج جي سعادت حاصل ڪري موٽيا ته ان خوشي ۾ ڪافي شاعرن شعر لکيا ته پاڻ به هڪ ڪافي لکيائون جيڪا پاڻ تائين رکيائون. ان سلسلي ۾ ٿيندڙ مشاعرن وغيره ۾ ڪانه پڙهيائون. ٿورن ئي ڏينهن ۾ قبلہ طالب المولىٰ سائين جن ناري جي دستوري مسافري تي آيا ته هڪ دعوت تي فقير

امير بخش پنهنجي سنگ سان اها ڪافي ڳائڻ شروع ڪئي، فقير سائين پائلٽ گاڏي ۾ هئا سي به لهي اچي ڳائڻ ۾ شامل ٿيا. قبلہ سائين جن لٿا اچي ته ڪافي غور سان ٻڌندا آيا. نالي مصرع به آئي پاڻ پاٿاري تي هلي ويٺا ۽ حڪم ڪيائون ته ڪافي وري ٻڌايو وري ڳائي وئي وري حڪم ڪيائون ته هاڻ ڪجهه دير ترسو هٿ منهن ڌوئون، چانهه پيئون ته وري ٿا ٻڌون ان بعد ٽيون دفعو ساڳي ڪافي ڳارايائون. فقير سائين ڳالهه ڪندا هئا ته ان دعوت تان ئي اسدالله شاهه کي خط لکيائون. جيڪو لندن ۾ هو ته مبارڪ هجيئو. فقير ولي بخش شاعري ڪئي آهي ۽ شروعاتي ڪافي ئي ڏاڍي متاثر ڪُن آهي ان بعد ڪڏهن ڪڏهن ڪن موقعن يا هونئن ئي شعر لکندا رهندا هئا.

گهڻو ڪري ڪافيون ئي لکيائون ڪجهه بيت:

اها شروعاتي ڪافي هتي ڏجي ٿي:

ٿلهه: اڄ پرين پاتا پرتئون پير اهي پير چُمان پيزار چُمان.

1. آيا پرين جتان پير پري جن سئيرن تان سڀ سئير ڪري،
سر ساهه صدق تن سئيرن تان، اهي سئير چُمان سؤ وار چُمان.

2. اچي مون سان ملي منٺار، ٿيا هر جاءِ حسن هبڪار ٿيا،
هئي حب جي هئين ۾ هير گهٽي اها هير چُمان هبڪار چُمان.

3. ويهي وحدت جا واپار ڪيئون، وهواهه پلي پٽڪار ڪيئون،
اهي مون تي پلائي جا پير ٿيا، اهي پير چُمان پٽڪار چُمان.

4. 'ولي بخش' وصال جا واءُ وريا، اچي محب مليا جي دل گهريا،
اها وير پلي جنهن وار آيا، اها وير چُمان اهي وار چُمان.

اهو نہ سندن لاءِ اعزاز هو جو هڪ دفعو قبلا طالب المولیٰ سائين رحہ جن ڪين خط لکيو تہ اوهان پنهنجي شاعري لکي موڪليو تہ پڙهي لطف وٺجي ۽ ضروري اصلاح بہ ڪجي جو اهو مناسب نٿو لڳي تہ اوهان جي شعر جو ڪو بيو اصلاح ڪري. فقير سائڻ هڪ ڪاپيءَ تي ترتيب سان ڪافيون لکي ڪين پيش ڪيائون، پاڻ سيني ڪافين مان فقط هڪ ڪافيءَ جي رديف ۾ ترميم ڪيائون اها ڪافي هئي تہ

سهڻا يار سڄڻ اهڙو ثواب تہ
ڪر
هيڪر پاسي رخ تان نقاب تہ
ڪر

سائڻ ان ۾ تہ کي نہ ڪري اها ترميم ڪئي تہ:

سهڻا يار سڄڻ اهڙو ثواب نہ
ڪر
هيڪر پاسي رخ تان نقاب نہ
ڪر

اهو خط هتي ڏجي ٿو:

جي وچ ۾ ڪنهن شهنشاهه ڪان گهٽ ڪونه لڳندا هئا. منجهن ايڏي ته هشمت هوندي هين جو جلال ۾ هوندا ته ڪنهن ۾ همت نه ٿيندي هئي جو سامهون اچي ڪين غريبن لاءِ محبت هوندي هئي ۽ وڏيرا وٺون ويندا هئن پاڻ ڪنهن به وڏيري کي سچ چوڻ ۾ دير نه ڪندا هئا.

ميلي جي محفل به سندن جهڙي ڪٿي ڪانه ٻڌبي سندن محفل جا اصول مقرر ٿيل هوندا هئا. مثال محفل ۾ راڳ هلندي ڪو ڳالهائيندو ڪونه ڀلي هزارين ماڻهو هجن، محفل ۾ جتي ڪانه آٽبي ڀلي ڪو نواب هجي ڪانپ ڪانه ڪڍبي پير ڪونه سڌو ڪبو، اڳ پوءِ ٿي ڪونه ويهبو بلڪ هڪڙي لائين سان ويهبو انعام ڀرپور ڏبو پر ويٺي ويٺي اٿي وڃي انعام ڪونه ڏبو، اهڙي طرح اهڙا اصول مقرر ٿيل هئن، ڪنهن ۾ مجال نه هوندي هئي جو سندن اصولن جي خلاف ورزي ڪري. محفل ۾ عطر جو ڇڻڪار گلن جي ورڪا به هلندي رهندي هئي. استاد منظور علي خان چوندو هو ته اڪبر بادشاهه جي دربار ٻڌجي ٿي سا يقيناً اهڙي هوندي. ڪنهن کي اڪبري دربار ڏسڻي هجي ته فقير ولي بخش جي محفل وڃي ڏسي.

پاڻ قرب محبت به اهڙي ڏيئي ڄاڻندا هئا جو جنهن شخص به هڪ دفعو ڪچهري ڪئي اهو جڻ ته خريد ٿي ويو ۽ پاڻ اهڙا سوين ماڻهو ريءَ ملهه خريد ڪيائون به جنهن ماڻهو هڪ دفعو ڪين ڏٺو هوندو ان کي عمر ڀر نه وسرندا.

سير و سفر

پاڻ اڪثر ڪري وقت بوقت فقير سائين وڏن جي معتقدين ڏي مسافري تي ويندا رهندا هئا. انهن سان خوب ناتو نباهيئون بلڪ پنهنجا ذاتي معتقد پيدا ڪيائون. ڪن موقعن تي اهڙيون عجيب ڳالهيون ٿينديون هيون جو ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا، اهڙن واقعن مان ڪجهه مختصر هتي ڏجن ٿا. هڪ دفعي پاڻ چيلاڙي تعلقي عمرڪوٽ ۾ ٺڪر آئيڏان سنگهه جي ڪمدار علوپيل وٽ دعوت تي ترسيل هئا، ان سال مڪڙن جو تمام زور هجي جو جنهن به ديهه ۾ اچيو لهن ته سڄا فصل چٽ ڪريو ڇڏين، ورنٽڻ جو فصل تيار هجي شام ٿي ته اچي مڪڙ لٿا علو فقير سائڻ جي ڪچهري ڇڏي هارين کي سڏ ڪرڻ لڳو ۽ تمام ششدر ٿي پيو ته هاڻ فصل تباهه ٿي ويندا. پاڻ جو اهو حال ڏٺائون ته علو کي پاڻ چيائون ته هاڻ هارين کي پريشان نه ڪر ۽ هتي اچي ڪچهري ڪريو علو ۽ هاري اچي ڪچهري ۾ ويهي رهيا. پاڻ مڪڙن ڏي اشارو ڪيائون صبح جو هاري اٿي ڏسن ته سڄي رات مڪڙ سندن ڊنيد ۾ هئا. پر سندن فصل جو هڪ پن به تڪيل ڪو نه هو پاسي ۾ ماڻهن جا فصل تباهه

تي ويا، پر نکر آئيڏان سنگهه جو فصل بلڪل سلامت رهيو.

ماستر تاجو پيل سندن خاص معتقدن مان هو ان جو نياڻو ڏيچند پيل هڪ دفعي فقير سائين جي حاضري تي آيو پاڻ به تي ڏينهن هن کي روڪي ڇڏيائون ۽ ڪنهن طرف سفر تي گڏ وٺي ويا واپس آيا ته هن اجازت گهري پاڻ نه ڇڏيئون. نيت بي ڏينهن هن بنا موڪل جي رات جو نڪري وڃڻ جو سوچيو جڏهن ڪچهري ڪري سڀ ماڻهو آرامي ٿيا ته هي اُٿي روانو ٿيو. ڏسي ته فقير سائين جن سامهون بينا آهن خيال ڪيائين ته پاڻ اُٿيا هوندا. پلي آرامي ٿين وري ڪجهه دير ڪان پوءِ اُٿيو ته وري پاڻ بينا آهن وري ڪجهه دير ستو ٽيون دفعو وڃڻ جي ڪوشش ڪيائين ته وري ڏسي ته فقير سائين جن سامهون بينا آهن. خيال ڪيائين ته هاڻ اسر ٽائيم آهي پاڻ شايد درگاهه شريف تي ٽا وجن پوءِ ٿو وڃان اهو سوچي جو سندن پاٽاريءَ ڏي نهاري ته پاڻ آرامي آهن هوڏانهن ڏسي ته سامهون بينا آهن. بس پوءِ ته يقين ڪري اچي سمهي رهيو صبح جو فقير سائين جن چيس ته ڏيچند رات لکي وڃڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي بس پوءِ وڃي پيرن تي ڪِريو ۽ معافي ورتائين پوءِ پاڻ خوشي سان اجازت ڏنائون.

وري هڪ دفعي ماستر تاجو وٽ پوڪلي تعلقي عمرڪوٽ ۾ دعوت تي هليا ڪچهري پي هلي ته پاسي ۾ هڪ چنونري کي اچي باهه لڳي تي چئونرا گڏ هئا. جن مان هڪ هاشم پيل جو چؤنرو به هو پاڻ هاشم کان پڇيائون ته ڇا ٿيو آهي، هاشم چيو ته سائين باهه لڳي آهي ۽ هاڻ ته تاندا منهنجي چئونري تي پيا ڪِرن همت ڪري ٽپڙ اندران ڪڍي وٺون پاڻ اُٿيا ۽ گڏ ٽيل ماڻهن کي چيائون ته اچو ته اچي ڪچهري ڪريون. باهه هاڻ پاڻهي ٺڏي ٿي ويندي، ائين چئي باهه ڏي منهن ڪري ڪجهه پڙهيائون ته باهه اتي جو اتي وسامي وئي ڪوبه نقصان نه ٿيو.

هڪ دفعي پاڻ ڪنهن دعوت تي ويل هجن جنهن گهوڙي تي سواري ڪري ويا اها فقير سائين وڏن جي سواري جي گهوڙي هجي ۽ تمام پلي هئي ڪجهه چورن صلاح ڪري سندن پيچو ڪيو ته اها گهوڙي چورائجي رات جو ڪچهري ڪري.

ماڻهو جڏهن آرامي ٿيا ته چور آيا جيڪي اتي ئي پرپاسي ۾ لڪل هئا گهوڙي وٽ اچن ته هڪ همراهه آهي جيڪو اتي ڦِري پيو چور موٽي ويا. اهڙي طرح وري وري پڪ ڪري ماڻهن کي سُتل ڏسيو گهوڙي وٽ اچن ته اڳيان همراهه بيٺو آهي، پري وڃن ته ڪير به ڪونهي سڄي رات جي

ڪوشش باوجود ڪين مايوس واپس موٽڻو پيو. پوءِ اها پڪ ٿين ته فقير جي ڪک جو به نقصان نٿو ٿي سگهي.

اهڙا ٻيا به ڪافي واقعا آهن پر هتي ڪتاب جي طوالت جي ڪري چند واقعا مثال طور ڏجن ٿا:

مڪان جي خدمت و رياضت

پاڻ اڪثر هڪ واقعي جو ذڪر ڪندا هئا ته ڪيئن اسان هن رياضت جي شروعات ڪئي. فقير منٺار سائين رح جي وصال ڪان سگهوئي پوءِ هڪ دفعو هالا شريف وڃڻ ٿيو. قبله مرشد غلام محمد گل سائين رحمة الله عليه جن جي حاضري تي پاڻ سيني ننڍن وڏن جي خيرعافيت معلوم ڪري پڇيائون ته فقير هن سال فصل ڪيئن ٿيا. پاڻ چيائون ته شڪر آهي گنج ٿيا. سائن وري فرمايو ته ڪيترو فصل ٿيو تفصيل ٻڌايو ان سال صرف ٻه ٽي ايڪڙ ٻني پوکي هيٺ اچي سگهي هئي. سو پاڻ تفصيل ٻڌايائون ته قبله ٻٽيهه مڻ ڦٽيون ٿيون آهن جن مان اڌ هاري جو حصو آهي باقي سورهن مڻ ڦٽيون ٿيون آهن. ان وقت شايد ڪو به ٽي روپيه مڻ هو. سائن اهو ٻڌي فرمايو ته فقير اهو ته تمام گهڻو گنج ٿي ويو. ايڏا پئسا خرچ ڪٿي ڪبا. فقير سائين خاموش رهيا چو جو رقم ته هئي چند رپيا جا خرچجي به چڪي هئي. ۽ سائين ٻيا فرمائين ته ايڏا پئسا ڪيئن خرچ ڪبا. وري

ڪجهه دير بعد سائن فرمايو ته فقير اسان جي مرضي آهي ته ان رقم مان فقير جي مڪان ڪي پڪو ڪوٽ ڏيارجي. اهو ڪم وڃين ڪريو. فقير صاحب جن موٽي آيا ان وقت صرف قُبي ۽ مسجد شريف ۽ چؤڪنڊي جي ڪجهه حصي ڪان سواءِ ٻي ڪابه تعميرات ٿيل ڪانه هئي. واپس اچي پاڻ سوچ ۾ پئجي ويا ته رقم ته موجود ئي ڪانه آهي پڪو ڪوٽ ڪيئن ڏيارجي. پر قبله سائين جو حڪم آهي اهو به ضرور پورو ڪرڻو آهي. خيال ڪيائون ته مال مان ڪجهه ڪپائجي يا ٻني مان ڪجهه حصو ڪپائجي اهي خيال ڪندي وري سومار شريف اچي ويو. پاڻ هالا شريف ويا جڏهن حاضري تي ويا ته قبله گل سائين جن فرمايو ته فقير اسان اوهان ڪي چيو ته مڪان جي وڃين خدمت ڪريو يا موجود شيون ڪپايو. اوهان بسم الله ڪري ڪم ۾ وڃين هٿ وجهو. اسان جي همراهي اوهان سان آهي ڪم پاڻهي پيو ٿيندو. بس پوءِ ته طريقو ملي ويو موٽندي ئي سِرن جو ٻنو لڳرايئون ۽ ڪم چالو ٿي ويو پوءِ ته ڪم هلندو ويو خبر ڪانه پئي ته ڪم ڪيئن ۽ ڪتان پيو ٿئي. ڪوٽ ٿهي بس مس ٿيا ته هڪ دفعي ڏينهن جو ٻنين تان ٿي موٽيا اوطاق جي ٿهيل لانڍي ۾ آرامي هئا ته ڪو شخص پيو چئين ته فقير اتي بنگلو ٿهراءِ پر هن نقشي سان بنگلو ٿهراءِ ڪين وري ننڊ اچي وئي.

ته وري اهو شخص ائين پيو چئي پاڻ سجاڳ ٿي وري سُتا ته
وري ان شخص ٻانهن مان جهلي اچي اُٿاريو. ۽ نقشو ڏسي
چيو ته ههڙو بنگلو ٺهراءِ پاڻ اُٿي ڏسن اهو شخص ظاهر
ظهور بيٺو آهي ۽ ٻاهر روانو ٿيو پاڻ هڪدم اُٿي ٻاهر ڏسن
ته ڪوبه شخص ڪونه آهي.

کين اهو نقشو ياد هو هڪدم پني تي ناهي ورتائون ۽
ڪجهه ئي ڏينهن ۾ بنگلي جي تعمير جو ڪم شروع ٿي
ويو. ماڻهو حيرت ۾ پيا، ...... ته نالي ماتر آمدني مان هزارين
لکن جا خرچ پيا هلن ۽ سندن ڪم سررو شاهه جي سگهه جو
ظاهري نمونو هئا اهو بنگلو ٺهي تيار ٿيو پر ڪجهه سالن
کان پوءِ برساتن ڪري ڪن هنڌن تي ڪريڪ ٿي پيو ته پاڻ
ان جي ريپئرنگ بجاءِ وري نئون بنگلو جوڙڻ جو فيصلو
ڪيائون. جيڪو اڄان موجود آهي ان بنگلي ٺهڻ تائين هڪ
پيو ننڍو بنگلو ٺهرايائون. جنهن ۾ شفٽ ٿي پوءِ بنگلي جو
ڪم نئين سر شروع ڪيائون. اهو ڪم اهڙو ته مضبوط
ڪرايائون جو اهو ٿوري عرصي ۾ جُڙِي راس ٿيل بنگلو اڄ
51 سالن کان پوءِ به نئون ٿو لڳي. اندر جو رنگ اڄان به
ساڳيو ٿيل آهي. ننڍي بنگلي ۽ وڏي بنگلي جي وچ ۾
هڪ لانڊي تيار ڪرايائون. سياري ۾ مچ جي ڪچهري لاءِ
اها به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. لانڊي جي اڳيان هڪ تلهو مٿي

پراءُ ڪري جوڙايائون اونهاري ۾ رات جي ڪچهري لاءِ وڏي
بنگلي جي اڳيان تلهو ۽ استيج جي جاءِ جوڙايائون جتي اڄا
تائين هر سال ميلي جي محفل ٿيندي آهي. سندن ايڏا ڪم
ڏسي ماڻهن ۾ حيرت جي حد ئي ڪانه رهندي هئي ڪي
چوندا هئا ته فقير ڪيمياگر آهي ڪن جو خيال هوندو هو ته
وهاڻي هيٺان پئسا ٿا نڪرن. ڪي ڪيئن چوندا هئا ته ڪي
ڪيئن ڪي ته مرڳو ڪين تنگ ڪندا هئا ته سائين اهو
نسخو اسان کي به ٻڌايو. پاڻ جواب ڏيندا هئا ته ابا اسان وٽ
ته صرف مرشد جي ڏسيل ذڪر جو نسخو آهي، اهو ٿا
ڪريون ڪم پاڻهي قدرت پئي ڪري مون کي هڪڙو ماڻهو
ياد آهي. جنهن کي اها ڳالهه اهڙي اچي دماغ ۾ ويٺس جو
فقير سائين کي ته تنگ ڪندو رهيو پر ڪائن پوءِ اها ڪوشش
مون تائين جاري رکيائين ته فقير ضرور اوهان کي سون ٺاهڻ
جي واٽ ڏسي هوندي مون کي ڏسيو آخر تائين سمجهي نه
سگهيو ته اهو ڪو علم نه پر سرور شاهه جي سگهه آهي.

فقير سائين جي حياتي ۾ گهڻو ڪري ٿورو گهڻو
رياضت جو ڪم هلندوئي رهندو هو سندن وصال واري سال
به لانڊي کي نئون ڪرڻ ۽ تلهن جي ريپئرنگ جو ڪم هليو
پي مڪان جي رنگ جو ڪم هليو پي مٿان ميلو ويجهو هو
اهو ڪم هلندي ئي پاڻ راهه رباني تي راهي ٿيا.

## سندن اولاد

جيئن تہ مٿي ذڪر ٿي آيو تہ سندن شادي ننڍپڻ ۾ ئي ٿي سال ڏيڍ جي اندر ئي الله سائين ڪين هڪ نيڪ ۽ صالح فرزند عطا ڪيو ان جو نالو فقير ولي محمد رکيائون جنهن جي پرورش بہ فقير سائين وڏن جي زير سايہ ٿي اجا ڇئن پنجن سالن جا مس ٿيا تہ فقير منثار سائين جن وات ۾ پنهنجي پڪ مبارڪ ڏئي دعا ڪري مدرسي ۾ چڙهايائون جتان ٿوري ئي عرصي ۾ قرآن پاڪ پڙهي پورو ڪيائون تہ فقير سائين وڏن رحلت فرمائي ان بعد ننڍي عمر کان ئي پاڻ پنهنجي والد فقير ولي بخش سائين جن سان هر ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا فقير ولي محمد سائين بہ انيڪ خوبين جا مالڪ هئا جن جي تفصيلي ذڪر لاءِ الڳ ڪتاب گهرجي پر جن ماڻهن کين ڏٺو هوندو اهي ئي ڄاڻندا تہ بيشڪ اهڙو نيڪ صالح ۽ فرمانبردار فرزند الله سائين ڪنهن خوش نصيب ٻيءُ کي ئي عطا ڪندو پاڻ ڪڏهن بہ فقير ولي بخش سائين کي بابا چئي مخاطب نہ ٿيا هميشہ فقير سائين چوندا هئا ۽ سندن هر حڪم کي پورو ڪرڻ پنهنجو فرض اولين سمجهندا هئا جواني کي رسيا تہ فقير سائين تان بني ٻاري مال متاع جي سنڀال ۽ مڪان تي ايندڙ مهمانن فقيرن فقراءَ جي نگر فڪر جي اون ئي لهي وئي پاڻ وينا مهمانن سان ڪچهري ڪندا هئا سڀ ڪم ماڻهي ٿيندو هو خاص طرح ميلي جو ننگر تيار ڪرڻ ۽ هٿ سان وڏي ڪارائڻ

سندن ذمي هوندو هو پاڻ رڌ پچاءُ ۾ صفائي جو بہ خاص خيال رکندا هئا ذري بہ ڪوتاهي برداشت نہ ڪندا هئا اهڙا ڪافي مثال ماڻهن اکين سان ڏٺا جو چند ماڻهن لاءِ ٺهيل طعام سوين ماڻهون کائي خوش ٿي ويندا ۽ ڪرئي ڪانہ پوندي هئي حاضرين حيران ٿي ويندا هئا مڪان جي خدمت و رياضت ۾ بہ فقير سائين حڪم ڪندا هئا تہ هر شيءِ ضرورت کان وڌيڪ. الا جي ڪيئن ڪتان مهيا ٿي ويندي هئي. مطلب تہ جيڪو ماڻهو ساڻن مليو. هوندو اهو سندن يار ويس طبعيت کي وساري نہ سگهندو.

فقير سائين جو اڪيلو فرزند جڏهن جوان ٿيو تہ سندس شادي لاءِ ڪافي رشتا اچڻ لڳا پر پاڻ ڪنهن فقيري گهر ۾ رشتي جي ارادي سان سڀ رشتا ٺڪرائيندا ويا. آخر اهو گهر بہ مليو جنهن جي ڪين ڳولا هئي قبلہ مرشد طالب المولىٰ سائين اها رشتيداري حاجي حليم فقير درس جي فرزند سوني فقير جي گهر ڪرڻ فرمائي ۽ فقير سائين جن آمين ڪيو حاجي حليم فقير ۽ عارب فقير درس صاحب ڪرامت الله وارا درويش ٿي گذريا آهن اها خوش نصيبي اسان جي حصي ۾ اچٽي هئي جو ڏاڏاٽا چاهي ناناٽا سرور شاهہ جا خاص فقير الله سائين جا پيارا بزرگ ٿي گذريا آهن.

فقير سائين جن پنهنجي فرزند جي شادي جو ڪاڄ بہ اهڙو مثالي ڪيو جو جن ماڻهن اهو ڪاڄ اکين ڏٺو تن جو

چوڻ آهي ته اسان اهڙو ڪاج ڪنهنجو نه ڏٺو ٽي راتيون ٽي ڏينهن يعني ڇهه تڪ ڪاج هليو ۽ اهو انتظام به مثالي هو.

هتي هي ذڪر به ڪندو هلان ته فقير سائين کي بابا سائين کان سواءِ هڪ فرزند ۽ نياڻي جو اولاد ٻيو به هو جيڪي ننڍي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويا هئا ان ڪري بابا سائين جن کي سندن اڪيلو فرزند ڪري لکيو ويو.

20 جماد اڀآخر 1387ع مطابق 25 سيپٽمبر 1967ع تي هن ناچيز جي ولادت تي فقير سائين ان موقعي تي هيءُ ڪافي لکي.

ٿل: منهنجو دوست دلبر اجهو يار آيو.

منهنجي ملڻ لاءِ واليءَ

ورايو.

منهنجي ولادت کان اڳ ئي پاڻ نالو رٽيو هئائون ته امداد علي نالو رکبو ولادت وقت نانا حاجي عبدالحليم فقير جن هتي هئا انهن فقير سائين کي ٻڌايو ته رات خواب ۾ هڪ بزرگ اچي فرمايو آهي ته فقير ولي محمد کي فرزند تولد ٿيندو ان جو نالو محمد بخش رکجو ائين پاڻ هن فقير جو نالو فقير محمد بخش رکڻ فرمايائون.

ان بعد 1972ع ۾ پاڻ فقير لطيف علي جي ولادت تي ان جي نالي رکجڻ جو به عجيب اتفاق ٿيو جو سندس ولادت کان ٻي ڏينهن پوءِ فقير سائين جن جو هالا شريف وڃڻ ٿيو قبلهٰ طالب المولىٰ سائين رح جن جي حاضري ٿي ته پاڻ بابا سائين جي خيريت معلوم ڪيائون وري منهنجو پڇيائون ته فقير سائين عرض ڪيو ته قبله ولي محمد کي ٻيو فرزند ٿيو آهي پاڻ پڇيائون ته پوءِ ان جو نالو ڇا رکيو اٿو فقير سائين عرض ڪيو ته قبله ان جو نالو سائين رکندا پاڻ فرمايائون ته پوءِ اسين نالو ڳوليون سڀاڻي پڇجو ٻي ڏينهن پاڻ صبح ساڻ حيدرآباد اسري ويا ۽ فقير سائين لاءِ چئي ويا ته اتي اچي فقير سائين حيدرآباد بنگلي تي پهتا حاضري ٿي ته پاڻ فرمايائون ته فقير نالو مليو آهي. لطف علي اتي ئي فقير سائين مٺائي گهرائي ورهائي.

وري 1978ع ۾ اسان جي ٽي پاڻ خادم علي جي ولادت تي ان جو نالو فقير سائين جن پاڻ رکيو.

اسان ٽنهي جي پرورش سندن زير سايهءِ ٿي اها به هن فقير جي خوش قسمتي چئجي جو ڪافي وقت سندن خدمت جو موقعو مليو. گهڻو وقت سندن حاضري ۾ رهڻ ڪري سندن صحبت مان پرائڻ جو موقعو مليو.

سندن دنيا مان رحلت

ڪين عمر جي آخري سالن ۾ ڪافي آرزو رهيا علاج به هلندا رهيا. دوائن جو پابندي سان استعمال ۽ ڊاڪٽري پرهيز پابندي سان ڪرڻ به اسان فقير سائين جهڙي نه ڏٺي مهينن جا مهينا ڦڪي ربِ استعمال ڪرڻي پئي ته به خوشي

سان کيائون آخري تائيم بہ مکان جي مرمت جو ڪم هلندڙ هو ميلي ۾ صرف ڏهه ڏينهن بچيا هئا پاڻ طبيعت ۾ بہ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هئا رات واري ماني گڏجي ڪاڌي سون ڪچهري ڪري اسين بابا سائين سان گڏ گهر آياسين پاڻ آرامي ٿيا.

سندن حاضري جو خاص ماڻهو محمد علي فقير ۽ ڪجهه ڪم وارا مستري موجود هئا ان مهل ئي پاڻ ڪجهه تڪليف جي شڪايت ڪيائون هڪ ماڻهو بابا سائين جن کي سڏڻ آيو ۽ هڪ ماڻهو ڳوٺ ۾ موجود ڊاڪٽر کي وٺي آيو ان کان اڳ ۾ ئي پاڻ پنهنجي پاٿاري تي سڌا ٿي ستا ۽ ٽي دفعا ڪلمون پڙهي راهہ رباني اختيار ڪيائون اها تاريخ 29 محرم الحرام 1403هہ مطابق 5 نومبر 1983ع ڇنڇر جي رات هئي.

سندن رحلت بعد سندن فرزند فقير ولي محمد سائين جن درگاهہ جا سجاده نشين ٿيا سندن سجاده نشيني جي دور ۾ هر ڪم جيئن جو تيئن پاڻ اڳي کان بہ اڳرو هلندو رهيو پر فقير سائين جن جي ظاهري جدائي جو متن تمام گهڻو اثر ٿيو جيڪو ظاهر ٿيڻ تہ ڪونہ ڏنئون پر فقير سائين جن جي رحلت کان صرف انداز سترهن مهينا ئي اسان وٽ رهيا ۽ مختصر عليل ٿي 25 رجب 1405 هجري مطابق 17 اپريل 1985ع بروز اربع تي هن دنيا فاني کي الوداع چئي راهہ رباني تي راهي ٿيا.

سندن وصال کان پوءِ درگاهہ شريف جي ڀهاري جو بار ننڍي عمر ۾ ئي هن فقير جي ڪُلهن تي پيو اها تہ قبلہ مرشد طالب المولىٰ سائين ﷫ جن جي ڪرامت ئي چئجي جو مکان جو هر ڪم هر روايت دستوري طرح هلندا رهيا. ڪوبہ خاص فرق نہ پيو ور نہ فقيري جي ف تي پهچڻ محال آهي. 1990ع ڌاري منهنجي شادي قبلہ طالب المولىٰ سائين جي حڪم سان پنهنجن عزيزن مان ڳوٺ مان ٿي. 16 ڊسمبر 1992ع 20 جمادالآخر 1413هہ تي مون کي فرزند عطا ٿيو بن ڏينهن بعد هالا شريف آياسين. قبلہ سائين ان ڏينهن طبيعت جي ناسازي ڪري ڪنهن سان بہ ڪونہ ٿي مليا. ان هوندي بہ اسان کي ملڻ لاءِ سڏيائون. ننڍڙي جي ولادت جو ٻڌايوسين ۽ نالي لاءِ عرض ڪيوسين تہ ڪهڙو رکجي تہ پاڻ هڪدم فرمايائون تہ نالو رکبو فقير ولي بخش وري ڪجهه دير رکي چيائون تہ اسان جي هوندي فقير ولي بخش موٽي آيو آهي وري ٻيو ننڍڙو ٿيندو. ان تي والد جو نالو رکبو. ائين چئي ڪافي دير دعائون ڏنائون. ايتري عنايت ٿيڻ ان مهل تہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي پر پوءِ پتو پيو جڏهن ان کان صرف ويهہ ٻاويهہ ڏينهن بعد قبلہ سائين جن جو وصال ٿيو اسان کي ظاهري جدائي جو داغ ڏيئي پنهنجي اصل وطن اُسهيا.

15 آگسٽ 1994ع ٻيو فرزند عطا ٿيم جنهن تي قبلہ

سائين جي ڏنل حڪم موجب بابا سائين جو نالو فقير ولي محمد رکيوسون. وري نومبر 1996ع تي ٽيون فرزند تولد ٿيو جنهن جو نالو فقير اعجاز علي رکيوسين. 1999ع ۾ چوٿون فرزند تولد ٿيو جنهن جو نالو فقير فياض علي رکيو ويو ۽ 2002ع ۾ پنجون فرزند ٿيو جنهن جو نالو فقير محمد طلحٰ رکيو ويو.

آخر ۾ ڪجهه عرض هن رسالي جي ڇپجڻ بابت:

فقير ولي بخش سائين جي رحلت ڪان پوءِ بابا سائين جن فقير سائين وڏن جي رسالن جي ڇپائي جي ڪم سان گڏ هن رسالي کي ڇپائڻ جو ڪم بہ هٿ ۾ ڪنيائون. قبلہ طالب الموليٰ سائين جن مهرباني فرمائي رسالي جو مهاڳ لکي ڏنو جيڪو هن ڇاپي ۾ يادگار طور ڏجي ٿو. پر بابا سائين جي وصال سبب رسالي جو ڪم رهجي ويو پوءِ هر سال اها خواهش رهندي آئي تہ جلد فقير ولي بخش سائين جو رسالو ڇپائجي. آخر 1999ع ۾ منٺار فقير اڪيڊمي کي سندن شعر ڇپائڻ جو اعزاز مليو. سوانح حيات لکڻ کان وٺي پروف ڏسڻ تائين گھڻو ڪم پنهنجي هٿ سان ڪيو اٿم. انڪري جو تيندڙ ڪوتاهين لاءِ ڪنهن دوست کي ذميوار نهرائڻ بجاءِ پنهنجي سر ڪٽي سگھجن. قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جي مهربانين ۽ دعائن ۽ قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن جي رهنمائي جوئي نتيجو آهي جو هي ڪتاب تمام مختصر عرصي ۾ ڇپجي سگھيو. ان سان گڏ آئون چاچا سرفراز راڄڙ، عبداللہ وريام، پياري خان شر ۽ جان محمد راڄڙ جن جو بہ نهايت ئي مشڪور آهيان، جو سندن ساٿ کان سواءِ هي ڪم ممڪن نہ هو. آئون محترم مقبول ميمڻ صاحب اسناد پريس جو ٿورائتو آهيان جنهن تمام مختصر ٽائيم ۾ هي رسالو ڇپي ڏيڻ جي حام هنئي ۽ اها حام پوري ڪري ڏيکاريائين.

<u>شڪريہ ادائي:</u>

1999ع ۾ ڇپيل رسالو بنهہ ناياب ٿي ويو، جو هن سال وري قبلہ مخدوم سعيدالزمان سائين چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جن جي حڪم تحت سنڌي ادبي بورڊ طرفان رسالي جو هي ٻيو ڇاپو ڇپجي منظرِ عام تي آيو. ان لاءِ آئون انتهائي ادب ۽ احترام سان مرشدنا قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن جو شڪرگذار آهيان جو سندن دعائون ۽ رهنمائي هر وقت رهي پاڻ رسالي جو مطالعو ڪيائون ۽ سندن طرفان اڳ ۾ لکيل دعا جا بہ اکر نئين سر لکي ڏيڻ جي عنايت ڪيائون. آئون گھڻي ادب سان قبلہ سعيدالزمان سائين جن جو احسانمند آهيان جو سندن ذاتي دلچسپي سبب ئي رسالو جلد ڇپجي سگھيو.

آئون سيد سڪندر علي شاهہ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، گل حسن درس ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي جملي اراڪين

جن جو بہ هن ڪم ۾ ڪردار رهيو آئون سندن ممنون آهيان سندن محنت قابلِ داد آهي.

آءٌ رسالي جي ڇپائي ۾ ٿيل ڪوتاهين تي اڳواٽ ئي معذرت خواهہ آهيان ۽ سيني اهلِ علم حضرات کي گذارش ڪندس تہ رسالي جي مطالعي بعد رهيل ڪوتاهين کان خط و ڪتابت ذريعي يا روبرو آگاهہ ڪندا رهندا. جيئن اهي نوٽ ڪري آئينده انهن جو ازالو ڪري سگهجي.

دعائن جو طالب

خادم الفقراءُ

فقير محمد بخش راڄڙ ضامن

چيئرمين منٺار فقير اڪيڊمي

درگاهہ منٺار فقير راڄڙ ڪاٺي

شجرو

1: فقير محمد بخش بن فقير ولي محمد بن فقير ولي بخش بن فقير پير بخش ابن حضرت منٺار فقير راڄڙ رحمت الله عليہ

2: بن قبول محمد (3) بن پرچي (4) بن علودو (5) بن مست علي (6) بن شاهو (7) بن عبدالرحمٰن (8) بن جرڪس (9) بن پڪريو (10) بن جرڪس (11) بن هاشم (12) بن ويرسين (13) بن پاتو (14) بن جرڪس (15) بن ٻنيڻ (16) بن ڏيرو (17) بن راڄڙ (18) بن جکرو (19) بن جيهو (20) بن جوٽو (21) بن هوتي (22) بن انڙ (23) بن سمون چام (24) بن راءِ رائيڏڻ (25) بن ڪاڪو (26) بن لاکو (27) بن لاکيار (28) بن اوڍار (29) بن اوڍو (30) بن سمون (31) بن جادم.

3: پرچي جو پاءُ حاجي هو جنهن جو اولاد گل يوسف ۽ حسن وارا ڳوٺ ۾ رهندا اچن.

4: علودي جو پاءُ ميهل هو جنهن جو اولاد پيراٽي يار محمد وارا آهن.

5: مست علي جا پاءُ دادو، ساماٽو، سليمان ۽ رمن هئا جن

مان دادو جو اولاد نندي ڪاٽي ۾ گل وارا ساماڻي جو اولاد ٻه نندي ڪاٽي ۾ مبارڪ، ساماڻو ۽ سليمان جو اولاد ڏٽي بخش پنهنجو ڳوٺ اتس ۽ رمن جو اولاد جعفراڻي ۽ رمناڻي سڏجن ٿا، جي وڏي ڪاٽي ۾ رهن ٿا.

6: شاهو جي پاءُ سڪيلڏي جو اولاد نندي ڪاٽي ۾ ڪارواڻي ۽ مريد وارا ۽ حاجي حسين بخش، حاجي خدابخش ۽ حاجي رحيم بخش وارا.

9: پڪريي جا پاءُ ڪنگھار ۽ خفيف ڪنگھار جو اولاد باجيد جي عمرڪوٽ ۽ ڊوري ناري ڏي آباد آهن ۽ خفيف جو اولاد مرحوم محمد خان حاجي غلام وارا جيڪي وڏي ڪاٽي ۾ رهن ٿا ۽ محمد خان ڪان پوءِ سندن پيڙهي بيهي رهي.

11: هاشم جي پاءُ ورياھ جو اولاد تر ۾ درياھ ڏي رهن ٿا چام شورو وارا راڄڻ وغيره.

12: ويرسين جي پاءُ ريسين جو اولاد پاتو پاڙو مشهور آهن جي چند موري چوٽل ۽ ڊورو نارو ڏي رهن ٿا.

14: جرڪس جي پاءُ پتي جو اولاد پتي پوٽا جي درياھ جي پاسي آباد آهن.

16: ڏيري جا پاءُ اڳھم ۽ راڄپار هٺا ٻنهي نالن مان اڳھم ۽ راڄپار راڄڻن جا مشهور پاڙا آهن جي تر ۽ ناري ۾ آباد آهن.

22: نمبر تي انڙ اچي ٿو جنهن جي پائن ۽ تمام گهڻن پٽن جي اولاد مان مختلف ذاتيون ٺريون جن مان ڪاڪي پوٽا، جکرا، ٽيپا، رونجها، رامڏيا، ابڙا، جوکيا، نوهڙي، راهمان، پنيرا، هنگورا، ڳاها، وساڻ، سمان، آريسر، پليجا، چڇر ۽ هنگورجا ۽ ٻيون ٻه ڪيتريون ذاتيون نڪرن ٿيون.

23: نمبر تي سمون چام آهي، جو مشهور سخي ڏاتار ٿي گذريو آهي، جنهن کي شاه صاحب ٻه ڳايو آهي.

مثال:

سمون سخاوت جي ٻيٺو آچي پر
ڪوٺيو ڪنگالن کي ڏي دلاسا در
تنهن سمي چام صدر ۽ سپ تاماٺو
تارڪيا.

22: نمبر تي آيل انڙ جي پاءُ ڦل جو پٽ لاکو ٻه مشهور سخي ڏاتار ٿي گذريو آهي جنهن لاءِ مشهور آهي ته روز سوا لک يا ڪيترا خيرات ڪري پوءِ اٿندو هو. ان لاءِ ٻه ڀٽائي صاحب جو هي بيت مشهور آهي.

لاکا لک هٺا پر ڦولاڻي ڦير ٻيو
آجا اوڏ ٿيا پلئه لڳي جنهن جي

يا ڪنهن ٻي شاعر جو شعر آهي ته:

اول ويهي سخاوت تي ڏنڊڻ ڪري پوءِ

لاکو تي لک ڏي سچ اپارو منگتن کي.

22: نمبر تي آيل انڙ چام پاڻ بہ مشهور سخي ڏاتار تي گذريو آهي، ان لاءِ بہ هي شعر مشهور آهي:

ميين مگڻين پاڻ ۾ جڏهن وراهي وٽ
تہ انڙ چام اپتي چڏيا سندا هيرن هٽ
سندا موتين مٽ ميڙي پريا منگتي.

32: نمبر تي آيل جادم جي پٽ سمي مان سمات جون سڀ ذاتيون في الحال اتي پهچي شجري جو اختتام ڪجي ٿو. اڳتي مڪمل شجرو انشاءالله تحقيق سان هٿ ڪري منظر تي آڻبو

## فقير ولي محمد سائين منهنجي نظر ۾

سرفراز راجڙ

درگاهہ منٺار فقير رح جي ٽين سجاده نشين فقير ولي محمد راجڙ مرحوم سان گهاريل گهڙيون دل کي تڙپائي وجن ٿيون. فقير صاحب وڏو سخي ۽ دل جو درياهہ انسان هو، جنهن وٽ هر وقت مهمانن ۽ يارن دوستن جون محفلون متل هونديون هيون. سندس حلقئہ احباب ۾ امير فقير موالي ۽ مسڪين سڀ شامل هئا. پاڻ هر ڪنهن سان قرب ۽ محبت جو ناتو قائم رکيو هئائين جنهن سان بہ سندس رستو هو تنهن سان توڙ نڀاهي ويو. سندس فقيري طبيعت ۾ ڏاڍو نياز ۽ نوڙت قرب ۽ پيار جي جهلڪ نظر ايندي هئي سندس دسترخوان وسيع ۽ نهايت ڪشادو هوندو هو. پاڻ سموري زندگي پنهنجي والد فقير ولي بخش سائين جي خدمت ۾ رهيو ۽ ڪوبہ لمحو ۽ ڪا گهڙي اهڙي ڪانہ هئي جنهن ۾ پاڻ فقير سائين ڪان پري ٿيو هجي. پنهنجي والد جي فرمانبرداري ۽ خدمت ۾ اڳيرو هو. نوڪرن ڪان بہ وڌيڪ حاضري ڏنائين. فقير سائين جون هر وقت دعائون ساڻس گڏ هيون. اهڙا سپوت ۽ لائق پٽ مون تمام گهٽ ڏٺا آهن هي تہ خدمت ۽ ادب جو هڪ نادر نمونو هو. درگاهہ تي هر وقت

۽ هر گهڙي هر ڳالهه ڪي نظر مان پيو ڪيندو هو. فقير ولي بخش سائين جي هر وقت اها ڪوشش هوندي هئي. ته درگاهه تي هر وقت ڪونه ڪو ڪم هلندو رهي. اهو ڏاڍو عجيب آهي ته سال جا ٻارنهن ئي مهينا مسترين جو ڪم ڪونه کُٽندو هو ۽ سدائين ڪانه ڪا نئين شيءِ نهي جُڙي راس ڪئي ويندي هئي. انهيءَ سڄي ڪم ڪي فقير ولي محمد سائين منهن ڏيندو هو. سدا مصروف رهندي رڌپچاءُ جي ڪم جو خاص خيال رکندو هو. بورچيخاني جي سارسنڀال بار بار پئي لهبي هئي. اٿين فقير صاحب خدمت ۽ سادگي جو هڪ ڳَڊيل Symbol هو. منهنجو ساڻس گهڻو پيار هوندو هو ۽ اسين هڪٻئي جي تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئاسين. منهنجو وڏو هو. آئون جڏهن به ڳوٺ ويندو هئس ته سڀ کان پهرين سندس حاضري ضرور پريندو هئس. فقير صاحب ڪي پنهنجي اولاد سان به عشق جي حد تائين پيار هوندو هو. هاٿوڪو درگاهه جو گادي نشين فقير محمد بخش ننڍي هوندي گهڻو بيمار رهندو هو ۽ پاڻ سدائين انهيءَ ڳڻتي ۾ هوندو هو ته سندس علاج تمام سٺن ڊاڪٽرن کان ڪرائجي. انهيءَ وقت ۾ ڪيري ۾ نه ايتريون اسپتالون هيون ۽ نه ڪي ڊاڪٽر. هاڻي ته الحمدللہ گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ ڊاڪٽر موجود آهن. اسين هڪ پيري صلاح ڪري ڪيس حيدرآباد ڪٺي آياسين. فقير صاحب مون کي چيو ته "ادا زندگي تي پروسو ڪونهي نندڙي فقير سان هڪ يادگار فوٽو ڪڍائي ڇڏجي. اسين بمبئي فوٽو اسٽوڊيو تي آياسين ۽ غفار پائي ڪي چيوسين ته هڪ به فوٽو ڪڍي ڏي. اٿين هڪ يادگار فوٽو نڪري ويو. خدا جي قدرت ڏسو. فقير سائين وڏا ولي بخش فقير به جلد راهه رباني وٺي راهي ٿي ويا ته انهيءَ کان پوءِ جلد پاڻ به اسان کان موڪلائي ويا. اڄ فقير محمد بخش **الله** سائين جي ڪرم سان سيڪجهه سنڀاليو ويٺو آهي. جڏهن فقير سائين وڏن جو انتقال ٿيو ته پاڻ تمام گهڻو اُداس ٿي پيو. هميشه چوندو هو "هي بار منهنجي ڪُلهن تي نهي ڪونه ٿو فقير سائين ڪي **الله** حياتي ڏي ها ۽ اهي ئي هي بار سنڀالين ها" هونئن ته سڀ ڪم ڪار ميلي ۽ درگاهه جي رياضت ۽ خدمت ته پاڻ ڪندو هو. پر اٿين چئي هو پنهنجي والد جي عظمت جو سدائين قائل رهندو هو. سندس خدمت مثالي هئي ۽ سندس فقراءُ طبيعت به ڏسڻ وٽان هوندي هئي. مون کي ته نه پاڻ وسريو آهي ۽ نه سندس قرب سندس دوستن ۾ حاجي فيض محمد هنگورجو. پيارو خان شر ۽ سيد گل شاهه سندس ويجها هوندا هئا ۽ اهي به جيسين پاڻ حياتي هو سندس خدمت ۾ رهيا. اڄ انهن دوستن مان فقط پيارو خان اسان وٽ موجود آهي. پاڻ درگاهه تي سجاده نشين ٿيو ته سندس حياتي ۾ به ميلا تي گذريا هئا پاڻ اهي ٻئي ميلا اٿين ڪري ڏيڪاريائين جيئن فقير ولي بخش سائين جي حياتي ۾ ٿيندا هئا. اسان ڪي ڪابه ڪمي محسوس ڪانه تي هئي اهي ساڳيا اصول

اهي ساڳيون خدمتون ۽ اهي ڪاڏي پيتي ۽ رهائش جا اعليٰ انتظام هڪ ڀيري حيدرآباد مان آغا سليم، غلام حسين شيخ، مراد علي مرزا ۽ انور بلوچ ڳوٺ درگاهه تي مون سان گڏ هليا. تنهن زماني ۾ آغا سليم ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پروگرام مئنيجر هو. اسان اتي ڪافي دير ڪچهري ڪئي اها رات چوڏهين جي رات هئي، درگاهه تي پرواري ڊنڊ ۾ چنڊ جو عڪس ۽ روشني هڪ عجيب منظر پيش ڪري رهي هئي. انهيءَ رات اسان ڪافي دير انهيءَ منظر مان لطف اندوز ٿي رهيا هئاسين فقير صاحب جيسين اسان جاڳياسين پي اسان جي انتظار ۾ ويٺو جاڳندو رهيو. پاڻ بار بار ماڻهو موڪلي ماني جي پڇا ڪندو رهيو ته ڪيڏي مهل کائبي. ٿوري دير کان پوءِ مهمانن جي خبرچار حال احوال به وٺندو رهيو. مون کي آغا صاحب ۽ دوستن چيو ته يار فقير صاحب ته عجيب ماڻهو آهي ايڏو مهمانن جو انتظار ۽ خيال رکڻ هن زماني ۾ ته مشڪل آهي. اڳي مهمان نوازي جون روايتون ٻڌندا هئاسين، اڄ اکين سان ڏٺيون اٿئون. فقير صاحب پنهنجو قرب ۽ محبت دوستن ۾ ورهائيندو رهندو. سندس اوچتي انتقال اسان سيني کي اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. سندس دل جي اوچتي تڪليف اسان سيني لاءِ باعث حيرت هئي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته پنهنجي عظيم والد جي جدائي جو درد اندرئي اندر ڪيس کائي رهيو هو. سندس فقير سائين سان پيار به هڪ مثالي پيار هو. اهڙا پٽ ورلي پيدا ٿيندا آهن. جيڪي پيءَ جي اڳيان ٻانهون ٻڌيو بيٺا هجن. ڪڏهن جيءُ ڪان سواءِ ٻي ٻولي نه ٻولين اهڙي ريت انهيءَ غم ڪيس دل جو درد ڏئي ڇڏيو ۽ اوچتي دل جي دوري سبب پاڻ اسان کان موڪلائي روانو ٿي ويو. هاڻي فقط سندس قرب پيار ۽ محبت جون يادون اسان وٽ رهجي ويون آهن. اسين درگاهه تي جڏهن به هجون ٿا ته فقير ولي محمد جي خوشبوءِ اسان کي محسوس ٿيندي آهي. ۽ اها خوشبوءِ جيسين هتي دم باقي آهي محسوس ٿيندي رهندي، چاڪاڻ ته هو پنهنجي روايتن سان گڏ هميشه زنده رهندو. اسين هر سال سندس وفات تي سندس ڏهاڙو ملهائيندا آهيون، انهيءَ موقعي تي هڪ ننڍڙو ميلي سمان منظر هوندو آهي. سندس قربدار ۽ معتقد سندس وفات جي ڏينهن تي درگاهه تي اچي گلن جون چادرون چاڙهيندا آهن، راڳ رنگ ٿيندو آهي. فقير فقراءِ سڄي رات راڳ جي رهاڻ رچائي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪندا آهن. الله پاڪ ڪيس جنت ۾ جايون ڏي فقيرن تي هي ميلا سدائين قائم رهن.

# مون سي ڏٺا ماڻ

فقير ولي بخش مرحوم سان منهنجي پهرين سڃاڻپ 1951ع ۾ ٿي، اسان جو چاچو مرحوم حج بيت الله جي سعادت حاصل ڪري آيو. فقير صاحب اُن ڪي مبارڪ ڏيڻ آيا اهي ڏينهن اڄ ڏينهن تائين وڃڻ وارا هليا ويا، پر دل ۽ ذهن تي ڪي نقش ڇڏي ويا آهن. جيڪي نه متجڻ جهڙا آهن.

فقير صاحب جا واسطيدار سيئي چوندا هئا ته فقير صاحب اسان ڪي گهڻو پائيندو هو، پر آئون والله يقين سان چوان ٿو ته مون تي گهڻو مهربان هو.

شادي هجي غمي سفر هجي حضر هجي خادم ڪي هر حال ۾ ياد ڪندا هئا. فقير صاحب وٽ هڪ سڃاڻپ هئي زمان ساز سان زمان شناس وقت شناس هئا.

حالتن جي شناسائي سندن سپ ڪان وڏي اها ڳالهه هئي جو دوستن ۾ امير غريب ۾ تفريق ڪانه هئي.

اهي ئي سندن قرب هئا جو انهي قرب جي ڪڙي اهڙا پيرن ۾ پيند وڌا جو تقريباً ٻارهن تيرهن سالن جي ڇمار ڪان وٺي اسان جي خادميت هلندي اچي.

فقير ولي بخش مرحوم هڪ اعليٰ پايه جو ڏاهو سٺو اديب شاعر سٺو آبادگار پاڳ وارو پاڳيو پلوڙ آرڪيٽيڪ ۽ مڪمل امير فقير هو.

فقير صاحب جي رهڻي ڪهڻي اُٿڻ ويهڻ ۾ پنهنجي انفراديت هئي جنهن جا شاهد سندن ٺهرايل مال جا واڙا ٻنيون ٻارا ۽ درگاهه تي ڪرايل تعميرات عيان آهي.

فقير صاحب جن سخي سان گڏ قانع به هئا ان سان گڏ فقير صاحب جن علم موسيقي جا ماهر هئا جو جهڙو تهڙو گويو فنڪار سندن آڏو مقيد تي ڳائيندو هو. مون ڪي ياد آهي استاد منظور علي خان هڪ دفعو پيري محفل ۾ فقير صاحب سان مخاطب ٿي چيائين ته سائين جي اوهين ڳايو ها ته اسين سڀ بک مرون ها. سندن تربيت سان مشهور سٺا فنڪار تي گذريا آهن انهن مان جهڙوڪ محمد علي شيخ مرحوم، قادر بخش ڪهيري مرحوم، ڊول فقير مرحوم، فقير امير بخش مرحوم، تاراچند پيل حال حيات آهي سندن هڪ هڪ خاصيت لکجي ته ڪتاب پرجي وڃن، جيئن ته مون تقريباً 40 سال ڪن سندس صحبت ۽ خدمت ۾ گذاريا آهن جيڪي ڪجهه آهيان سندن صحبتن مان پرايو اٿم عموماً چيو ويندو هو ته فقير صاحب سخت مزاج هئا، پر آئون وثوق سان چوان ٿو ته فقير صاحب ماڪي ڪان منو حليم برد بار

طبيعت جا مالڪ هئا. سندن سخت مزاجي صرف ڪوڙي خوشامند منافق لاءِ هئي چو جو وڏن سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ هئي.

مون سي ڏنا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي،
رهي اڇجي راتڙي تن جنگن سندي
جاءِ،
تني جي ساڃاهه ترهو ٿئي تار ۾.

خادم الفقراءِ
پيارو خان شر
وڪيل

داڪٽر اسد جمال پلي

## تنهنجون ڳالهيون سڄڻ

ڊسمبر 1993ع جي هڪ سيءُ وسائيندڙ رات جو فقير محمد بخش جي دعوت حاجي غلام محمد ولد (مرحوم) حاجي محمد اسماعيل راڄڙ وٽ اسان جي ڳوٺ لڳ هئي. ان دعوت ۾ سڄي سنگت سان گڏ آئون به شريڪ هئس. فنڪارن فقيرن جا به ٻه ٽي گروپ هئا. اسان جي يار جمن دربدر جون ڳايل به ڪافيون سڄي محفل تي عجيب جادو ڇڏي ويون. هڪ ڪافي سرائيڪي شاعر منظور جي:

لڳي واليانــون نيند نهين آوندي
ني تيري ڪيوين ني اک لڳ ڳئي.

ٻي منٺار سائين جي:

پڳهه چوڙي پنڌ پيا
مون ويني وڻجارا.

رات جو به اڍائي بجي فقير صاحب ۽ سڄي سنگت کان موڪلائي گهر پهتس رات جي انهن وچين پهرن ۾ بابا

سائين جاڳيو پئي حال احوال پڇيائين ٻڌايم ته بابا، فقير محمد بخش آيل آهي ساڻس ڪچهري تي هئس چيائين ته اسان جون فقير جي وڏن سان ڪچهريون هيون. فقير ولي بخش ۽ مون درگاهه منٺار فقير تي هڪ نجي ڪچهري ۾ سازن تي ڳايو به هو. فقير صاحب جي وڏن سان به وڏن جا قرب رهيا آهن. منٺار فقير جو به پنهنجي راڄ جي ڪيترن ئي ماڻهن وٽ خصوصي اچڻ ٿيندو هو جن ۾ عالماڻي، پلي، قاضي نورمحمد پلي، حافظ درمحمد پلي، الحاج ميان محمد اسماعيل پلي ۽ جتو پلي ته سندس خاص صحبتي هئا. زماني ۾ ڪيئي تبديليون اچن ٿيون، پر منٺار فقير جي گهر سان تعلق سيني هوائن کان محفوظ رهيو. فقير ولي بخش سان اسان جو تعلق تمام ويجهو ۽ دوستانه رهيو آهي. اسان پنهنجي جوڙ سان توڙ نباهيو هاڻي توهين نوجوان به ساڳيو گس ونجو. بابا جي زندگي جي اها جاڳڻ واري آخري رات هئي. منهنجي ساڻس آخري ڪچهري ۽ مون لاءِ بابا جي آخري نصيحت ۽ تاڪيد واري رات صبح جو فجر ويل ڪين بيهوشي جو دورو پيو ۽ ڇهن ڏينهن جي بيهوشي بعد پنهنجي مالڪ حقيقي سان ملاقاتي ٿيا. مون حتيٰ الامڪان سندن انهيءَ آخري نصيحت سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

فقير ولي بخش (مرحوم) جي آستان تي ويندي مون کي بين ڪيترن ساٿين سان گڏ به وڏا قرب جا پندار شخص مليا. خبر نه آهي ڇو قسمت انهن سان ٿورا سال گڏ رهائي وري هميشه لاءِ اسان کان لڪائي ڇڏيو. حاجي فيض محمد هنگورجو مرحوم ۽ سائين گل شاهه. مون کي خبر ڪونه ٿي پوي ته ڪنهن جو نالو اڳ لکان ۽ ڪنهن جو پوءِ. بنده سان هنن ٻنهي سهڻن شخصن جو ايترو قرب هو جو اظهار ڪري نه سگهبو. منٺار فقير جي ساليانه ميلي جي موقعي تي ٻنهي قربدارن سان پاڪر پائي ملڻ جي ڪشش پاڻ وٽ هميشه لاءِ محفوظ رهجي ويئي. حاجي فيض محمد ۽ گل شاهه، فقير صاحب جي ڪلام ، ڪچهري ۽ شخصيت متعلق گهڻو ڪجهه سيڪاري ويا. سندن ياد هميشه دعائن جو سبب بڻجندي رهندي.

فقير ولي بخش مرحوم جو ذڪر اچي ٿو ته سندس شخصيت جا ڪيئي حوالا اچن ٿا. فقير صاحب فقيري ۾ امير هو. وڏو متوڪل هو. خوددار هو. ۽ پنهنجي خوءِ ۾ مگن هو. قانع به هو ته سخي به هو. ڪيس سندس ڏاڏي منٺار فقير مرحوم جي تربيت نصيب ٿي هئي. جنهن ڪيس نج ۽ نبار فقير ٺاهي ڇڏيو. موسيقي جي حوالي سان وٽس سنڌ جا ڪيترائي فنڪار ڳائي تربيت وٺي ۽ فن سکي نروار ٿيا.

موسيقي جي محفل جا فقير صاحب جا مروج ڪيل قانون ۽ قاعدا ته سچي سنڌ لاءِ باقاعده وڏو حوالو آهن.

فقير صاحب جا تعلقات هالا جي مخدوم صاحبن سان ته مريد ۽ مرشد، خادم مخدوم، منگتي ۽ ڏاتار وارا هئا. تاهم به قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ۽ سندن اولاد وٽ فقير صاحب جي وڏي عزت ۽ اعليٰ مرتبو رهيو آهي. سروري جماعت جي ”ڏهر“ جي سلسلي ۾ ته ”طالب المولیٰ“ سائين جن فقير ولي بخش صاحب ڏانهن سچي سروري جماعت کي خصوصن راغب ڪرايو.

فقير ولي بخش جا تعلقات ناري پٽ جي ”عطائي پلي“ جي خاندان سان به دوستانه رهيا آهن. فقير ولي بخش جي عزت ۽ احترام خانصاحب عطا محمد پلي ۽ ميان محمد اسماعيل پلي خاص طرح ڪندا هئا. فقير ولي بخش سائين هڪ ڪچهري ۾ فقير محمد بخش کي ٻڌايو ته منٺار فقير جي زماني ۾ عطائي خاندان سان واسطو رهيو آهي، پر خانصاحب عطا محمد هن واسطي کي نئين سر ڳنڍيو ۽ نباهيو آهي. خانصاحب عطا محمد کان پوءِ خانصاحب عبدالرحمان مرحوم هن تعلق کي وڌيڪ ويجهو ڪيو. جو ڪيترو وقت فقير ولي بخش کي پاڻ وٽ رهائيندا هئا. 1962ع کان پوءِ وري خانصاحب عبدالڪريم ”ڪريم“ پلي هنن تعلقاتن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. فقير ولي بخش سان پرمغز علمي ۽ موسيقي جون ڪچهريون منٺار فقير جي ڏهاڙي تي هر سال باقاعده وڃڻ. ميلي ۾ هلندڙ ننگر جي تياري ۾ ڀرپور حصو وٺڻ ميلي کان پوءِ به ٽي ڏينهن مڪان تي رهڻ راڳ رنگ جي رهاڻ ۾ فقراءُ کي تمام گهڻو پئسو ڏيڻ ته جيئن ميلي جي محفل ڇمندي رهي.

فقير ولي بخش جو خانصاحب جي ڳوٺ کان سواءِ ڪريم صاحب جي ”ٻوڪلي“ واري اسٽيٽ تي گهڻو وڃڻ ۽ رهڻ ٿيو جتي فقير صاحب جا ڪجهه مريد پيپل قوم جا ماڻهو به رهندا هئا. ڪريم صاحب فقير ولي بخش جو احترام پنهنجي ڪنهن وڏي بزرگ وانگيان ڪندا هئا. ڪيترا دفعا ڪافين جون محفلون ۽ نشستون ٿينديون هيون ۽ ڪيترين ئي ڪافيون فقير ولي بخش، ڪريم صاحب جليل سروري ۽ معمور يوسفاڻي گڏ ويهي هڪڙي نشست ۾ پڻ لکيون. ڪيترن ئي دنيوي مسئلن ۾ پڻ ڪريم صاحب فقير جو ساٿي ۽ ساٿي رهيو.

فقير ولي بخش جا تعلقات مرحوم جتو پلي جي پوٽرن سان به .... رهيا. جتو پلي، منٺار فقير جي دوستن مان هو. جتو مرحوم راڳ جي ڄاڻ ۾ نه صرف ناري پٽ بلڪ ڏکڻ سنڌ ۾ يڪتا هو. هڪ دفعي جتو پلي وٽ رات جو منٺار

فقير جي ڪچهري پئي هلي. فقراء راڳ پئي ڪيو ته هڪ پيرسن پيل اتي چيو ته منٺار فقير هيڏو مشهور فقير آهي، پر حقو متيءَ جو پيو چڪي جتو پلي يڪدم وراڻيو ته حقو چاندي جو آهي پر تنهنجي نظر ڪمزور آهي. صبح جو اچي ڏسجان. اهو پيرسن صبح جو وري آيو ته حقو واقعي چاندي جو پيو آهي. جتو پلي مرحوم رات جو متي جو حقو ڪڍي چاندي جو فقير صاحب جي خدمت ۾ رکي ڇڏيو. جيڪو پوءِ به ڪيترو وقت فقير صاحب وٽ سنڀاليل هو.

فقير ولي بخش مرنجان مرنج طبع جا مالڪ هئا. سندن ڪچهريون ۽ واسطو ڪورائي فقيرن سان به هو. خصوصاً فقير قاسم علي ڪورائي مرحوم ۽ پوءِ وري جانب علي اڃا تائين سنگ سان فقير جي آستاني تي ڳائيندا ۽ تعلق ڪي نباهيندا اچن.

فقير ولي بخش جون ڪافيون ٻولي، معنيٰ خيال ۽ فن جي لحاظ کان سهڻيون ڪافيون آهن ڪنهن ٻي موقعي تي انشاءالله فقير صاحب جي ڪافين جي فني حيثيت ۽ مقام تي لکبو. اسان جي ننڍي هوندي ولي بخش سائين جي هڪ دلڪش ڪافي مولودن جي شغل اڪثر ٻڌي ته:

تون ڪونه ڳڏين پرکي نه چيون،
تنهنجون ڳالهيون سڄڻ منهنجي روح ۾

رهيون.

۽ وڏا ٿياسين ته راڄ محمد پلي مرحوم جو مضمون جيڪو منٺار فقير تي هيستائين واحد تحقيقي ۽ تحريري مضمون آهي رسالي تماهي مهراڻ ۾ پڙهيو. الله سائين سڀني مرحومين کي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ رکي.

# پرين تنهنجي پياس ۾

(ڪلام فقير ولي بخش راڄڙ)

# كافيون

(1)

تلهہ: الله الله سبحان آهي، هادي حق هڪڙو سو جلشان آهي

1. آهي سڀ خلق جو سو خالق خدا، جوڙيو جنهن جلشان جهان آهي

2. چون ٿا عالم ارڙهن هزار، سيني جو مالڪ منان آهي

3. وڏي ويل سڀ ڪنهن رسائي رزق، اهڙو رب رازق رحمان آهي

4. خلقي خلق تي مڪو جنهن رسول، سو محشر جو محمّد زمان آهي

5. سيني نبين سندو ٿيو نبي، لٿو شان جنهن جي ۾ فرقان آهي

6. مٿي ماڻُ ۽ شانُ سڀ ڪان وڌو، جبرائيل خادم دربان آهي

7. معراج مدني ڪيو مجتبيٰ، مڙن ڪان مٿاهون مليل ماڻُ آهي

8. آهي نور حق جو سو نرمل نبي، نڪوقير تنهن ۾ ڪو گمان آهي

9. مٿي آل ان جي ۽ مٿي مصطفيٰ، پڙهو سڀ صلواة فرمان آهي

10. اسلام اعليٰ احمد سندو، مڃي جو نہ محمّد سو بيئمان آهي

11. ڪري پيروي جو پرين سندي، اهو مرد مومن مسلمان آهي

12. انااحمد بلاميمي، اتي صاف صاحب سو سلطان آهي

13. گنهگار غافل جي تون عيبدار، تنهنجي درد جو پيو نہ درمان آهي

14. 'ولي بخش' وحدت ناتون وسار، رکي من محبت سو مردان آهي

(2)

ٿلهہ: حبيبي ڪبريا هادي حبيب الله تي آيو
انا احمد بلاميمي رسول الله تي آيو

1. ڪيو معراج جيئن مدني، ڪيو تيئن ڪين ڪنهن هوندو
ملي معشوق عاشق سان، واصل باالله تي آيو

2. جيڪي آوَتز ويا اُبتا، ڇڏي جي دين دلبر جو
تني لئہ رهنما رهبر، ڪلام الله تي آيو

3. مدد موليٰ علي جي سان، فتح ٿيو ڪوٽ خيبر جو
محمّد جي مدد جي لاءِ، علي الله تي آيو

4. لحمڪ لحمي جسمڪ جسمي، رو حق روحي دمڪدمي،
غريبن ۽ يتيمن لاءِ، ڪرم الله تي آيو

5. ابنِ علي ڪيو قائم، نبي جي دين کي برحق،

ڪرڻ صدقو پنهنجا پيارا، في سبيل الله تي آيو.

6. ڏڏن ڪي ڏان ڏيڻ ڏوڙا، فقيري فيض جا فائق،
ڪرڻ لائق لطف سيبئي، لطف الله تي آيو.

7. ’ولي بخش‘ وسيلو آهي، وارث بي وسيلن جو،
مرسل مير محشر ۾، شفي الله تي آيو.

(3)

تلهه: مدد منهنجي ڪريو مدني، محمّد مصطفيٰ مربي.

1. تيس پيدا چوڏهين سن ۾، گتل آهيان گناهن ۾،
رکو پنهنجي سائين امن ۾، ڪريو جاري ذڪر قلبي.

2. ڪريو مرسل مهرباني، ڏيو ديدار دلجاني،
پسايو پاڪ پيشاني، نوازيو نگاهه سان نبي.

3. ازل کان آهيان اُداسي، پسڻ لئہ پرين پياسي،
وصل جي لاءِ وتان واسي، توهان جي توهه جو طلبي.

4. ’ولي بخش‘ کي بخشيو برڪت، ڪريو آجو ڪنان ذلت،
محبت جي ڏيو ملت، اجها عاصين سندا عربي.

(4)

تلهہ: علي ياعلي علي بوتراب، تون دلدل جو هسوار عالي جناب.

1. لحمڪ لحمي جسمڪ جسمي، روحڪ روحي دمڪ دمي،
اهو شان تنهنجو مليو تو خطاب.

2. تون ئي شاهہ شاهن سندو شاهہ تون، سواءِ تنهنجي سائين نہ بي واهہ مون،
آئون ويرين وڪوڙيو، سگهو رس شتاب.

3. هِتي ۽ هُتي تون ساقي صدر، حسنين هادي جو بابو پدر،
فتح هٿ تنهنجي تون هي ڪامياب.

4. توڙي ڪي حاتم دارا سڪندر، تنهنجي پيئزار ناسي برابر،
سخا شاهہ تنهنجي آهي آفتاب.

5. اها در اوهان جي ڪريان التجا، مون ڪي ميل مُرسل يامشڪل ڪُشا،
۽ شوق تنهنجي جو پيارين شراب.

6. منگا مهر تنهنجي تو محبت مدام، اهو دان ڏهرو ڏيو مون انعام،
پياري ڪريو پر حيات آب.

7. آهي سَگُ اوهان جي سائين در سندو، ’ولي بخش‘ در جو بردو بندو،
ڪريو ڏوهہ تنهنجا سيپئي ثواب.

□

(5)

تلهہ: علي شاهہ مردان شيرِ خدا تون، هوئج گڏ هميشہ تيج
نا جدا تون.

1. تون هين حق حيدر، علي شاهہ صفدر، ڪنبائي قلعو
تو
ڪتيو ڪوٽ خيبر، مٿان مير محمّد فائق فدا
تون.

2. ڏيو تندرستي توحيد توڪل، ڪر معاف مون تان مڙيئي
مير مشڪل،
آهين شاهہ شاهن ناهين گدا تون.

3. ڏيو حب حسنين جي مون کي هردم، دنيا دين جا سپ
پورا ڪريو ڪم،
مون کي ميل مرسل نورالهدا تون.

4. آهين وير وارث ولايت جو والي اسين آهيون تنهنجا
آلي موالي،
ڪرين پير پوري من جي مدا تون.

5. ’ولي بخش‘ آهي تنهنجي در سوالي، وريو ڪونہ ڪوڪان
ڪڏهن ڪوبہ خالي،
سخي شاهہ آهين سيد سڄڻ سدا تون.

(6)

ٽلهہ: رک هردم حب حسنين سندي، تنهن وارث واليءَ
ڪونين سندي.

1. جنهن جو بابو علي ۽ نانو نبي، تنهنجي وصف ٻي ڪهڙي ڪبي،
جنهن رضا سپ مجي ربي، ڏس بي حيائي شمر لعين سندي.

2. جي ياءِين راضي الله ٿئي، منو مير محمّد شاهہ ٿئي،
عين آل علي فقراهہ ٿئي، تہ وٺ دامن دوست دارين
سندي.

3. چئو ياحسين ۽ چئو ياعلي، سپ نبي چون ٿا غونث
ولي،
تہ حُب حسين جي آهي پلي، تنهن سيّد صاف سقلعين سندي.

4. ’ولي بخش‘ ڪيم وسارج، تون، پيو هردم غم ۾ گذارج تون،
سردار سيد کي سارج تون، رک طلب تنهن طرفين
سندي.

□

تلهہ: ڪريو مومن ماتام مهندار سندو، هردم حسين سردار سندو،

1. چا خون حسين جي برڪت تي، صلوات سيد تي رحمت تي،
قاتل حسين جي تي لعنت تي، جو دشمن ٿيو دلدار سندو،

2. جنهن کي غمِ حسين جو ناهي اصل، سو تہ يزيد جو آهي نسل،
بي حيا بڇڙو بلڪل، ٿيو دوزخ مڪان تنهن مردار سندو،

3. جيڪي حب حسين جي تا رکن، پروانہ تي پڙ ۾ پچن،
کهڙي قيامت آ ڪاڻ تن، جن غم آهي غمخوار سندو،

4. آئون سؤ صلواتون سلام چوان، مٿي آل نبي امام چوان،
جنهن کي ٻيئي جهان انعام چوان، آهيان طالب تنهن تاجدار سندو،

5. امامن لاءِ او ساريان، انهيءَ غم ۾ شال گذاريان،
هنجون هڻ هڻ هميشہ هاريان، ٿيندا پوش پناه پيئنار سندو،

6. علي اڪبر شاهہ هو هم شڪل، محمّد منو جيئن چڻ مرسل،
سو بہ ڪفارن ڪيو قتل، پوٽو علي حيدر قرار سندو،

7. علي اصغر شاهہ صغير سان، ڪئي ڪيڏي موذين مير سان،
سو بہ شهيد ڪيائون تير سان، جو اولاد اڙين آڌار سندو،

8. حامي حسيني يار هو، گوهر غازي غمتار هو،
سورهيہ سپهہ سالار هو، تنهن عباس علمدار سندو،

9. آئي نائين محرم ماهہ جي، سُڃي سيج رهي قاسم شاهہ جي،
اچي مرضي تي اُها الله جي، ڪريان ڪهڙو بيان قربدار سندو،

10. هلي حر آيو منجهان قرب ڪاهي، سڀ سورهيہ سانگا سر جا لاهي،
چيائين سر صدق سؤ وار آهي، تنهن بہ قول پاريو اقرار سندو،

11. سڀ هئا بهادر باوفا، سر تي سٺئون ڪيڏي جفا،
تي شان ان جي ۾ شفا، ڏيندا ڏان مون کي ديدار سندو،

12. 'ولي بخش' تي آهي وڙ ڪندا، جو ديدار لاءِ آهي سائل سدا،
پوري ڪندا اها من جي مُدا، اهو چوڻ آهي مُحب منتار سندو،

(8)

تلهه: نرمل نوح فقير، سڻ منهنجا سرور سڏڙا.

1. لاهه قريشي مون تان قرض كي، مرشد ميتي چڏ مرض كي،
اويسي اكسير، هيٺا تي پيا آهن هڏڙا.

2. راهنما اوهين آهيو رهبر، فيض فياض جا ساقي سرور،
مرشد ماهه منير، جام پياريو آهيون جڏڙا.

3. لاهي درد كي دور جفا كر، سڏ سان گڏ تي شاهه شفا كر،
كامل قطب، كبير، تون ڏاتار اسين آهيون ڏڏڙا.

4. آيو آهي وقت اخيري، دلبر دل كي ڏيو دل ڏيري،
پرين پارس پير، گوندر غم وڏي تيا وڏڙا.

5. كريو رهبر رهنمائي، پير پنان تو اوهان كان پناهي،
ولي بخش جا وير قائم كريو ائين توكل تڏڙا.

تلهه: سخي شاهه سرور ڪريو نيڪ نظر،
ذاتي ذڪر جو ڏيو دان دلبر.

1. سڻو منهنجا سڏڙا، ننگـي نوح نرمل،
لڳس لڙ تنهنجي قريشي اي ڪامل،
آهيو پير پارس محبوب منور.

2. ڏيو فيض مون کي فائق فقيري،
تئي سانگ سو تڙ وڃي دل گيري،
حقيقت ۾ هر دم، هجي حال هر هر.

3. نوازي گهڻا تو ڪيا وير واصل،
ڪريو معاف منهنجا مڙيئي مير مشڪل،
ٽين مات مدعي، موذي جي منڪر.

4. مٺا مير مرشد هدايت جا هادي،
اچن در تنهنجي ڪئين فريادي،
ڏئين ڏان ڏوڙا، ڏڏن کي تون ڏاتر.

5. ڏجان ياد مون کي تون ڪلمون قبر ۾،
ڪج ڪا حمايت مهندان محشر ۾،
گهُران گهوٽ توکان، پناهه جي پاڪر.

6. 'ولي بخش' جو تون هي وارث وسيلو،
سواءِ تنهنجي سائين هلي ڪونه هيلو،
يلا پر جهلا تي اچي وير واهر.

(10)

تلهہ: پارس پکن ڏٺي پير سائين، سُڻ منهنجا سرور سڏڙا.

1. رهي راهوند ۾ قرب ڪمائي، ترڪ ڪري تدبير سائين.

2. قرض مرض کان رکجان امن ۾، اويسي اڪسير سائين.

3. سؤ صغيرا مون کان ٿيئڙا، ڪئين ڏوهہ ڪبير سائين.

4. ڏي هدايت هادي هردم، مرشد ماهہ منير سائين.

5. مدعي منڪر منهنجا جيڪي، تڙي ڪجان سي تغير سائين.

6. دم قدم ۾ هوئج حامي، سؤڪي لنگهائج سير سائين.

7. مرڻ مهل منهنجي ساهہ ڪي، سرور ڏجان سڏير سائين.

8. ڏجان ياد ڪلمون قبر ۾، مٺا مرشد مير سائين.

9. صدقي پنجن پارهن جي مون کي، ڏيو فيض فقير سائين.

10. ’ولي بخش‘ کي فيض فقيري، داتا ڏيو دل ڏير سائين.

تلھہ: هوش ڪري تون ٿيءُ هوشيار، ساڃيو آهي سر صبحاني.

1. اول آخر آهہ اهوئي، ظاهر باطن ساڃيو سوئي جاني جلويدار.

2. لاهہ گمان تون ڇڏ گمراهي، آهي افضل نور الاهي ڪل سندو ڪلتار.

3. رهي راهوندڙ ۾، رمز رلائي، پڪا پرت جا اعليٰ اڏائي امين ٿيو اظهار.

4. فيض فقر لئہ غازي ٿيو گل، تِر نہ تفاوت ساڃيو تل مل محب منو منثار.

5. آهي موليٰ چوائي طالب، سڀ ڪنهن غير تي ٿي آيو غالب سرور شاهہ سردار.

6. آل انسان سري سِر سارو، وحدت جو ٿي آيو وڏجارو نور ڪرڻ نروار.

7. انااحمد بِلا ميمي، اصل آهي قول ڪريمي هادي هِڪو هروار.

8. پوڙ پيائي رک هيڪڙائي، صورت ساڳي آهي اهائي 'ولي بخش' ڪر ويچار.

□

ٿلهه: آيو طالب سندو موليٰ، جنهنجو طالب چواياں مان.
ملايو سو مون کي موليٰ تنهنجو، عاشق آهيان مان.

1. آهي سو خود محمّد امين، قريشي ڪُل سندو ڪرمي،
انا احمد بلاميمي، ٻولي هيءَ تو ٻڌايان مان.

2. آهي ساڳيون سو گل گوهر، جواني جو پانيان جوهر،
نوحاٽين نينهن نشانبر، لڱل لنئو ڪيئن لڪائيان مان.

3. آيو محمّد زمان سو پير، طالب الموليٰ مرد منير،
عشق اويسي آ اڪسير، تنهن سان ناتو نيائيان مان.

4. پلي آيو سهڻو سرور، جنهن سان پرتل خدا پرور،
مون لاءِ منٺار آهه منور، جنهن جو سگ تو سڏائيان مان.

5. اڃڻ امداد ٿيو جنهن جو، پناهي پاند ٿيو تنهنجو،
اگڻ آباد ٿيو منهنجو، صفت تنهنجي سڻائيان مان.

6. آيو ولهن سندو والي، پيارئين پرت جي پيالي،
سوالي نا چڏي خالي، تنهن کي آزيون الائيان مان.

7. ڏنائين تحليل ۽ توحيد، ڏيئي درشن دکائي ديد،
اسان لاءِ تي اهائي عيد، تنهنجا هوڪا هلائيان مان.

8. آهي فقير فياضي، رهي شل سو سدا راضي،
پهرائي تو ڪئين پازي، تنهن سان پيچ پائيان مان.

9. پيرل آ پير جت پايو، رکي رحمت سندو رايو،
سين ٿيو ڪاج سجايو، تنهن جا ڳڻ ڳائيان مان.

10. اندر منهنجي جون اُداسيون اچي پنيون اُهي آسون،
جيڪي مون باسيون باسون، ولين تي ورهائيان مان.

11. چوي طالب آهيان، طالب آئون طالب سندو طالب،

جو آهي سڀ غير تي غالب تنهن سان محبت ملائيان مان.

12. آيو ’ولي بخش‘ جو وارث، پرت پالوٿ سان پارس، لاٿائين قلب مٿان سڀ ڪس، پلي جا پال پائيان مان.

(13)

ٺلھ: محب مٺا منٺار ائين نہ مناسب توکي جڳائي.

1. اڇي اڇي نہ وڇ تان ورجي ڏيانڙو ڪو دل ۾ ڏرجي، هوت هيئين جا هار.

2. ڏڏ ڏوهاري ڏڍرا آهيون تومان آس اميد نہ لاهيون، اڪڙين جا اجار.

3. قدم قرب جا پرين ڪي پايو دل جا حال محرم آهيو، محمّد جا مهندار.

4. واڳ وصل جي وارث واريو اُجيا عشق جا پُر پياريو، ساقي سندم سردار.

5. تنهنجا آهيون آلي موالي، حاڪم هادي ڇڏ مَ خالي، اڙين جا آڌار.

6. خاميون خطائون منهنجيون مڙيئي ڍڪج پاند پناھ جو ڏيئي، ڍوليا ڍڪڻ هار.

7. سوا زاريءَ ڪو زرو نہ هلي ٿو جيءُ جدائي ۾ جاني

جلي تو

پيرل ساءِ پڳدار.

8. هادي منهنجو آهين حاڪم برھ تنهنجو آهي بالم.

توحيدي تاجدار.

9. سدا تنهنجو سات سلامت اعليٰ تنهنجو عشق امامت.

پنهي جڳن جنسار.

10. پنجئي پارهين هوندئي حامي چارئي چوڏهين محب مدامي.

ننگ پريا ننگدار.

11. چئي چئي پلا چا پڏايون جهڙا تهڙا تنهنجا آهيون.

سهڻن جا سالار.

12. واحد لڳ سائين واڳ ورايو. پازيءَ پنهنجي ڪي پهرايو.

وحدت جا وينجهار.

13. سڀ چڏين پر تون نہ چڏجان. گل گداگر پاڻ سان گڏجان.

مون ڏي سڀ ميار.

14. تون موليٰ جو آهين طالب آئون آهيان تنهنجو طالب.

ڪامل ڪلادار.

15. تنهنجا آهيون ٻي جا ناهيون تولاءِ وينا يار واجهايون.

پر ڪرين پينئار.

16. ’ولي بخش‘ جا والي وارث پيري مغان پريمي پارس.

دل وٽيا دلدار.

(14)

تلهه: اج پرين پاتا پرت جا پير، اهي پير چمان پيئزار چمان.

1. آيا پرين جتان پير پري، جن سيرن تان سپ سير ڪري،
سر ساهه صدق تن سئيرن تان، اهي سئير چُمان سؤ وار چمان.

2. اچي مون سان ملي منتار تيا، هر جاءِ حسن هبڪار تيا،
هئي حُب جي هنئين ۾ هير گهٽي، اها هير چُمان هبڪار چُمان.

3. ويهي وحدت جا واپار ڪيائون، واهواه پلي پٽڪار ڪيائون،
اهي مون تي پلائي جا پير تيا، اهي پير چُمان پٽڪار چُمان.

4. 'ولي بخش' وصال جا واءُ وريا، اچي محب مليا جي دل گهريا،
اها وير پلي جنهن وار آيا، اها وير چُمان اهي وار چُمان.

(15)

تلهه: حاڪم سائين هلي آ هاڻ،
هئي هئي حال ڏسو هڪ واري.

1. اتئي اسم الله جو نالو
وصل وصال جو پيار پيالو
ساقي سرڪي اهڙي آڻ،
لاهي بندن جي سڀ بيماري.

2. ڏئي ڳرهاتي رکي ويون ياري،
پوءِ ڪيئي وري ڪا نه پوئواري،
هيڪر وري اچي منڙا ماڻ،
لاهي نقاب ڪاڏي ڏيڪاري.

3. دردن دل ۾ ڪيو آهي ديرو،
پلا پلائي جو ڪرڪو پيرو،
نه وري تئي ڪا روح رهاڻ،
سو وار صدق تيان ٻلهاري.

4. تون وسيلو تون آهين واهر،
هِتي هُتي آهيان اَنجهي آهر،
ٻي نه ڪنهن جي آهي ڪاڻ،
تنهنجي قرب جي آهيان ڪاٽياري.

5. طالب تون مطلوب به توهين،
سالڪ تون مجذوب به توهين،
تنهنجو سوڳنڌ ۽ سرهاڻ،
واهه واهه آهي برهه بهاري.

6. دردن دلڙي آهي مروٽي،
تنهنجي آهيان ڪري جي ڪوٽي،
’ولي بخش‘ چئي ڪرڪا وراڻ،
نه هردم حال تئي هوشياري.

(16)

تلهہ: پچ ساقي کان تون مئي جو مُل، جي سر تي ڏي تہ اتئي پوءِ بُل.

1. تنهنجو ساقي سرور شاهہ آهي، جنهنجو نظر نيک نگاهہ آهي،
اهو آل انساني آگاهہ آهي، اهو حاکم هادي گوهر گل.

2. توکي ساقي سرک پياريندو، کٽي نازک نيڻ نهاريندو،
مئي دلڙي يار جياريندو، ٿيندو و نحن وارو واهہ وصل.

3. سِر تہ سُرک تان گهور کجي، ٻي کهڙي اتي تک تور کجي،
جتي وصل وصال سان اور کجي، لاهي خطرو ٻيو سڀ خوف خلل.

4. وٺ ’ولي بخش‘ وار اتئي، اها جيت اتئي نہ هار اتئي،
هي مهل موچاري يار اتئي، ايندو اوڏو توکي کين اَجل.

(17)

تلهه: ناهي طلب تن ۾ تار پي، ڪنهن مايا ملڪيت مال سان.

1. سائين منو مننار تون، آهين دل وٽيو دلدار تون، منهنجو قلب ڪر قرار تون، قرب ۽ ڪمال سان.

2. نوح فقير تون ڪر نظر، تو پنج تن پنا آن ڪان پاڪر، ڏيو حال حقيقت هر هر، آهي خاصيت اها خيال سان.

3. نفس ۽ شيطان ڪان، مون ڪي پرين ڪريو پري، نينهن نغارو ڪريو نصيب، ڏُو ڏُو عشق ڏمال سان.

4. آن سندو ’ولي بخش‘ سوالي، تو پني پريم پيالي، تنهن ڪي ائين وارث والي، ڪا ورچ ڏيو وصال سان.

□

(18)

تلهه: ڪڏهن اڱڻ تي منهنجي ايندون، جاني جيءُ جيارا.

1. سال تيا ڪئين ساجن سڪندي، منهنجي ساهه سهارا.

2. اچي منهنجا درد دفع ڪر، ميٽ مرض مونجهارا.

3. دردن دلڙي ڪئي آهي ديواني، ڪاٺ پيئڻ تيا ڪارا.

4. حاڪم سائين هيڪر هلي آءُ، مج منت موچارا.

5. ’ولي بخش‘ چئي ور وسيلا، وِرهن ڪيا وسڪارا.

□

(19)

تلهه: محب مسافر يار، وارث ڪج ڪا ورڻ واري.

1. سرهو سيئر تنهنجو سلطاني، مولا بخشئي جوين جواني،
تنهنجو ڏيهه سڄو آ ڏاني، هوت هنئين جا هار،
پرين پوين جي ڪج پوئواري.

2. نوح فقير جو هوند ئي نظر، توکي ڪوبہ خوف نہ خطر،
تون آهين ساقي تون ئي صدر، دل وٽيا دلدار،
سائين لڳ ڪا ڪج ستاري.

3. علي حيدر هوندئي حامي، سيکو تنهنجو ٽيندو سلامي،
هر هند دائم قائم مدامي، امين عشق اُجار،
برهہ تنهنجي جي واهہ بهاري.

4. سوال اسان جا ساب جو پيندا، سڄڻ خير سلامت ايندا،
ڏيهه مبارڪ سيئي ڏيندا، محب ايندا منٺار،
هادي آس پڄائيندو هماري.

5. ’ولي بخش‘ جو ورندو والي، ايندو امين جناب عالي،
مئي محبت جا آهيون موالي، پُر ڪندو پينار،
سرور شاهہ ڪري سرداري.

□

تلهہ: دوست منا دلدارا وي، مُحب ملو ھاڻ ھادي حاڪم.

1. سڪندي سڪندي سال لنگھي ويا، سانوڻ سؤ سيارا وي،
مون گذاريا سي سڀ ماتم.

2. سواءِ تنھنجي ڪنھن ڪي سُٽايان، سور اندر جا سارا وي،
اوھين آھيو حال جا محرم.

3. سڪ سورن ڪان وار نہ واندو پريتم يار پيارا وي،
ويڙھي ويا وھلور وھم.

4. پرين پسايو پاڪ پيشاني، نيڻن نور نظارا وي،
قرب وارا ڪي پائي قدم.

5. ھر ڪنھن حال ۾ ھوئج حامي، جانب جيءُ جيارا وي،
لحظي لاھيو مون تان ھي غم.

6. آھن عيب اميق اسان ۾، تن نہ ڇيھہ شمارا وي،
ڪئين پانيان تو ڪروڙين پدم.

7. پرين توکي آھيون پرتل، سرور شاھ سوپارا وي،
ڪير ڪندو ھيو ڪوجھن جا ڪم.

8. ’ولي بخش‘ جا ڪريو قائم، چون جي چوويھہ ھزارا وي،
تنھنجي ديدار ۾ دائم سي دم.

(21)

تلهه: ساقيا مئي جام پياريو، وٺي وحدت جي ڀَري ڀَري.

1. منڊَ محبت جو پيار پيالو، نظر نينهن جو ڏَري ڏَري.

2. هٽ تڪبر هئڻ هستي، ساڻ پيڻ ٽين پَري پَري.

3. حق هيڪڙائي هردم حاصل، ٻن ٻيائي ٻَري ٻَري.

4. دم دم ۾ ديدار الاهي، منجهه ظاهر باطن ذري ذري.

5. دور دنيا جي ڪُن ۾ قابو، آيو آهيان منجهه اَري اَري.

6. زهد عبادت ڪين ڪيو ڪجهه، توهه توهان جي تري تري.

7. سُرڪ سڪ جي ڏي سوائي، سُرڪ رِي نٿي سَري سَري.

8. 'ولي بخش' ڪي پر پيارج، قرب قريشي ڪري ڪري.

□

ٿلهه: صبح سان سوائي ڏيو سُرڪ ساقي، پريمي پيالي جا آهيون پياڪي

1. اصل کم اوهان جا پياسا پيارڻ، منجهان مهر محبت نوازي نهارڻ،
پرين پڪ پياريو ڪا محب ميساقي.

2. ڏيئي تانگهه تڙ ويا اُجيا اُڃ مرن تا، اجا تڙ تنهنجي اچيو پر پين تا،
هتان توبي ٿيا موليٰ سان مُلاقي.

3. جني کي پياريئي وڃي ٿياسي واصل، مليا ساڻ موليٰ ڪري حال حاصل،
طمع کي ڏيئي ويا سي تهدل طلاقي.

4. ڏي مت اُچي مان کو ساغر سوايو، ٿئي حال برحال لايو سجايو،
ٿئي راز روشن کلي قلب طاقي.

5. وٺي جام وحدت پيري پري ڏي، قدح مد مئي جو عنايت ڪري ڏي،
هجان توسان همدم بچي ڪين باقي.

6. جي ويل آئون وڙ کان تہ تون هين وڙائتو، پياري ڪرين پر برهم بلائتو،
هتي هوڏ هستي هتي سپ حلاقي.

7. ’ولي بخش‘ کي تون پرين پرُ پيارج، منجهان آب ڪوثر کو ڏاتر ڏيارج،
اصل کان اوهان درجو آهي اوطاقي.

(23)

تلهه: حاڪم هوت هِئين جا هار، رس تون رهبر سپ ساعت
مِ.

1. دردن دل آهي ويڙهي وڪوڙي، بنا اوهان جي آهي اجوڙي،
منهنجا محب منا مننار.

2. ڪونہ لڳي تو دوا پيو درمل، تون علاج منهنجو مڪمل،
ماريس مرضن توڪان ڏار.

3. درد منهنجي جو تون آهين دارون، لهہ ڪي ساجن سگهيون سنيارون،
تون آهين علاج سندو آزار.

4. لاهه غمگينن تان غازي تون غم، ڪر مريض سندو کو مرهم،
دلبر ڏيو ڪا دوا ديدار.

5. ’ولي بخش‘ جي ڪر تون واهر، هِتي هُتي اوهان جي آهر،
ساقي سرور شاهه سردار.

□

(24)

تلهہ: قرب ۾ اوهان جي ڪيا ڪيا، يار پيارل وصل جا واعدا.

1. ظاهر باطن محب ملو مون کي، لڪي پايو نہ ليا ليا.

2. گوندر ۾ گذران اسان جو، مٺا نڪي آهيون جيا جيا.

3. عقل مت هئڻ ۽ هستي، نينهن اوهان جي نيا نيا.

4. ڏڏ ڏوهاري ڏہرا ساڱيا، نڪي آهيون ڪي پيا پيا.

5. توسان ٻول ٻڌل آهيون تنهنجا، هاڻ تليون ڪيئن تيا تيا.

6. اگلا گدلا يار اوهان ڪئين، پُر پياري ڊيا ڊيا.

7. ٻنهي جهانن حاڪم سائين، اسين اوهان جا تيا تيا.

8. طالب المولىٰ کي ڏي پارت، جنهن جي پناري آهيون پيا پيا.

9. ’ولي بخش‘ جو ور تون وسيلو، ٻيا وسيلا ويا ويا.

## (25)

ٿلهہ: محب منا دل جاني وي، آءُ وري تون ويهہ نہ وساري.

1. آئون اصل کان آهيان تنهنجي، پانهن جي سائين پانهي
وي،
تو سوا بيو ڪير سنياري.

2. هجر فراق جي هاجي حاڪم، ڦتي ڪئي دل فاني
وي،
وڏو ڏيل ڏکن آهي ڏاري.

3. توسوا هت منهنجو منڙا، هئہ هئہ حال حيراني وي،
اوکيءَ مان وچ پار اُڪاري.

4. مرض مروتي ڪئي آهي موڳي، جو پن جند جواني
وي،
ساهہ سدا توکي ساجن ساري.

5. آئون اصلئون عيبن پريل، تنهنجو مت ناثاني وي،
پيل آهيان تنهنجي پناري.

6. مون جهڙيون سوين سڪن ٿيون، پرڏيهہ سجو تنهنجو ڏاني
وي،
آئون بہ لڳل آهيان تنهنجي لاري.

7. ساغر سڪ جا ڏيئي سوايا، محب ڪيئي مستاني
وي،
پَت پرت جا پُر پياري.

8. پوئي پاتيم پرين پارس تنهنجي ڳٽن جي ڳاني وي،
واڳ وصال جي آ تون واري.

9. سوا تنهنجي سهٽا ساجن، زهر پايان زندگاني وي،
ڪيل قول پرين اچ پاري.

10. ’ولي بخش‘ چئي ورهہ وڪوڙي، دلڙي ڪئي ديواني
وي،
چڙهي آ تنهنجي نينهن نظاري.

تلهه: اکڙين جي اسرار کيا دانهه ديوانا. لاهي چڏيو تن سر جو سانگو.

1. آري اکين جي جيکي ٻه آيا. سورهه ٿيا سرشار پائي ڳل ڳانا.
پاتو انهيءَ ڳل ڳلا جو ڳانگهو.

2. پيچ پنبڻين جا جن کي پيڙا. سي بانکا ٿي بردار جابر جوانا.
سر سوريءَ تي کن سهانگو.

3. چوٽ چشمن جي جن کي لڳڙي. سي تہ هزارين هزار ٿيا پتنگ پروانا.
اُهي لنگهي ويا لاحد لانگهو.

4. سوا سُرمي جي آهن سهڻيون. سوگها کن سردار سوين سلطانا.
سر کنيو تن درد جو دانگو.

5. هئا مطلوب پر ٿي پيا طالب. نيڻن کيا نروار ياور يگانا.
ميگانن جو مُلهه آ مهانگو.

6. هنڌ سنڌ ۾ آهي هاڪ انهن جي. کابل توڙي قنڌار کيئون موهي مستانا.
عشق عينن جو آهي اڙانگو.

7. طالب جو تون ٿي پئو. طالب'ولي بخش'چڏ ويچار چڏ ٿئي جهانا.
تار تنهنجي لئہ ٿيندو تانگهو.

تلهہ: مون کي ماڻن ساڻ ماريو، مُرکي معشوقن مرکي معشوقن پاتا پيچ پرين.

1. وار وسيهر وانگي تا، ور ڏيو ونگ وجهن.

2. ابرو يار عجيب جا، تا ڏوڙا، ڏنگ هڻن.

3. ديدون دلبر يار جون ڏسي، مات لڳي مرگهن.

4. کنديو نک نراڙ ۾، ٻي چقمق منجهه چپن.

5. ساهه وٺي سوگهو کيو، گل گوهر جي گفتن.

6. دل ڦرايو دوست کان، کئين 'ولي' بخش وجن.

□



تلهہ: دل حُسن لٽي لٽيائين صبر شرم، نائي ناز نيڻن سان کيائين نرم.

1. چوطرف حسن جي فوج چڙهي، لئون وارن سان کري لاڏ لڙي،
جهلي کير تن جي تاب تڙي، تئي حال پائي کو حال محرم.

2. آيو زلف واسينگ مگٽ کري، ڏسيو کو پيو لڇي کو اقت مري،
مون کي قسمت آندو ترکٽ کري، هاڻ پلا کجان کو پيال پيرم.

3. ابرو کج تلوار ڏسي، ويو مت عقل جو خانو کسي،
لرزش آئي لڳن پيو هينئڙو ڦسي، سپ هوش تي ويو درهم برهم.

4. واهه واهه اکين جي عجب اٽي، گهايو گهور سان کن پيمال پٽي،
نک نسنگ دونالي جاٽي ڏٽي، کئين ڦٽ ڦٽيو پوءِ کن

مرهم.

5. چلڻ عجائب چال ميان، من مهٽي منڙي مقال ميان، تنهنجي کهڙي ڪريان ويهي ڳالهه ميان بازي بخت ڪٽي ڪن جنهن تي ڪرم.

6. وجهي نڪ نوڙي ڏيئي نينهن نيئڙ، ڪئين قٽ قتي ڪري خون جگر،
رهيو ياد اتي نڪو زر ۽ گهر، ويو وسري ڪعبو بيت حرم.

7. جڏهن دردن دل ۾ ديرو ڪيو، تڏهن شاهه حسن اچي گهيرو ڪيو
تنهن پيرن تي ڏاڍو پيرو ڪيو، ڪن تي سرد نظر ڪن تي سخت گرم.

8. اُتي دلدار ڏني دلداري اچي، متان ماندو ٿئين تيءُ مڙس مچي،
’ولي بخش‘ انهيءَ ڏس رنگ ۾ رچي، جتي ڪفر رهي نڪو دين ڌرم.

(29)

تلهہ: واهه واهه شاهه حُسن جو سير آهي، جهلي تاب تنهنجو اهو ڪير آهي.

1. چڙيو شاهه وڏا جت شاهي ڏين، در شاهه حُسن جي سپاهي ٿين،
وجي واهه سپيئي بي واهي ٿين، ير اهڙو ڪٽي نہ انذير آهي.

2. رخسار لبن جي لالي ڏسي، ڏند هيرا موتي مثالي ڏسي،
نڪ نسنگ بندوق دونالي ڏسي، سينو سپر ڪري سو دلير آهي.

3. آهن اکڙيون ڪجليون ڪاريون ٻيئي، ٿو هٽي ڪٽي منهن پاريون ٻيئي،
ڀيا ابرو ڪج تلواريون ٻيئي، اتي متو ڏئي سو متير آهي.

4. هڪ چشمن جا چمڪار عجب، ٻيا زلف سياهه سر وار عجب،
تيو هلڻ چلڻ گفتار عجب، تنهن ۾ قند نڪو ٻيو قير آهي.

5. تي مريض ويس آءٌ لاءِ شفا، شفا ڪانہ ملي تي الٽ جفا،
لڳا تير نظر جا سؤ سؤ دفعا، سودو سر جو ڪيم پيو خير آهي.

6. اتي عقل چيو اتي هل تہ هلون، هت ناحق پيا ميان مفت جلون،
چيو عشق تلين تو ڪهڙيون تلون، توکي ٽيڏو هتي هاڻي دير آهي.

7. ويو عشق عقل کان راند کٽي، سر ساهہ جو سانگو سيوئي ستي،
منهن مرڻ کان ڪڏهن ڪين متي، اهڙو عشق شهنشاهہ شير آهي.

8. ’ولي بخش‘ عشق جي وڌائي وڏي، گهايو گهوڙن سان ڪري جان جڏي،
ڏني عشق عقل کي متي تي مڏي، تن جو ورهين کان وٺي وير آهي.

(30)

ٿلهہ: پهرين پيار ڏيئي يار دلڙي ڏتاري،
ڏئي گهور گهائي نہ ماري جياري.

1. عجيبن سان آهي حسن فوج فالم، رهي ڪانہ مون کي اها ڪابہ معلم،
چڙهي چوطرف پئي سا نينهن جي نياري.

2. زلف زور زابر جيئن نانگ ڪارا، ڏسڻ سان ڏنگن تا اهي مڻ وارا،
ڏئي ور ورن ۾ پائن ڳت ڳاري.

3. ابرو ڪمان ڪج عجيبن جا اعليٰ، چشم چور ڪن تا سي نوري نرالا،
پئڪان پنبڙيون آهن تير ڪاري.

4. نسنگ نڪ نروار چڙ ڪا دونالي، نہ ٺئي مٺ مرجان اهڙي لب لالي،
تنهن لالي لڄايا لعلون اناري.

5. نہ سي مٺ موتي نہ هيرا برابر، متي باب شاهي سي ثابت سراسر،
ڏين ڏند تا وڌ ڏيئي کان ڏيکاري.

6. ڪئين ڪن غب غب ۾ ٿيا غرق غازي، وسري ويئي تن قبل المازي،
چائي زنخ ڪيا چريا چوڏاري.

7. دليون يار دلبر ڪلندي ڪٽي ٿو، هلي پانهن لوڏي تہ واهواهہ وٺي ٿو،
گفتار رفتار منڙي موچاري.

8. آهي بوءِ ڪھڙي مشڪِ عنبر ۾، تنهن ڪان وڌ خوشبوءِ پرين جي پگهر ۾،
ڪندي هوڏ تنهن سان چا ڪتوري تاتاري.

9. قريبن ڪيا جت پريمي پسارا، اتي ڪئين وڃائي ويا وير وارا،
اچي نيث ويئي 'ولي بخش' واري.

(31)

ٿلهہ: مٺا محب جاني ياور يگانا، ڪرڻ ڪين واجب برهہ ۾ بهانا.

1. ڏنئي پيار پهرين واهہ واهہ وٺي ويون، ڏيئي راز ريبي دلڙي ڪٽي ويون،
آهن شوق تنهنجا شاهي شهانا.

2. ائين ڪونہ پانيم تہ وٺيو دل وڃين ٿو سوين سور صدما سهٽا سڃين ٿو،
لڪين لوڪ جا بيا مهٽا ۽ طعنا.

3. سوا تنهنجي سهٽا نہ پيٽي پواڪا تو ۾ اميدون نہ توڪان سوا ڪا.
تون ڪر ڪرم ڪو اي دلدار دانا.

4. 'ولي بخش' آهي پرين توکي پرتل، تنهين ساڻ هوئج سڄڻ يار سرتل.
ڪندو ڪير منهنجا پيو مشڪل آسانا.

(32)

تلھہ: سڪندي تيا ڪئين سال اچو يار اوري، ڪيم ڪيو ائين جانب جدايون.

1. ائئي پھر آهي اندر ۾، تنھنجي محب مقال،
مل تڪيءَ جي توري، هاٽي چڏي ڏي ڏاڍا ڏاڍايون.

2. ڏکيا ڏاڍا ڏينھڙا گذاريان، جانب منجھ جنجال،
تڪيس ڏونگر ڏوري، معاف ڪريو ائين مون کي مدايون.

3. توکي ساري ساجن سپرين، ھھڙا تيڙا حال،
تڳان ڪيئن توريءَ پال ڪريو ڪي پلا پلايون.

4. ڪيئن اجھايان آڳ عشق جي، منھنجي ناهي مجال،
تون ويون چاھ چوري وار وري ڪي ورڻ جون وايون.

□

5. صدقو توتان سهڻل صدقي گهوريان مڏيون ۽ مال،
ڏيان گهر تڙ گهوري دائم قائم قرب ڪمايون.

6. ’ولي بخش‘ جا حاڪم هادي واريو واڳ وصال،
سر ڏيان ڪلهن ڪان ڪوري پيچ پرت جا ڪي پختا
پايون.

□

(33)

تلهه: سڻ تہ ڪني جي هيءَ ڪو ڪار آهن برابر مون ڏي
مڙيئي.

1. پاڻهي پنهنجو پاڻ سجاتئي ٿورو لکن جو مون ڪي
لاتئي،
منهنجا محب متا مئنار.

2. تنهنجي لڙهه لڳي آهيان لاري، تنهنجي ساجن آءُ
سهاري،
مون ۾ مڙيئي عيب اپار.

3. تنهنجي آهيان تنهنجي هونديس، توسان نينهن
نيائي نينديس،
توتي مڙيئي منهنجا بار.

4. ٻي نہ وٽان پر توکي وٽان شل تنهنجا طعنا سر ڪٽان
شل،
ڪري ڳل ڳچي جا هار.

5. تون جيئن نچائين تيئن پئي نچندي، رنگ پيارا

تنهنجي رچندي،
سهڻن جا سالار.

6. توريءَ ڏيکيندو کير ڏيلايون، منهنجون محب مڙيئي اگلايون،
اي سائين ڏوليا ڏکڙهار.

7. طالب تون مطلوب بہ تو نهين، منهنجو منا محبوب بہ تونهين،
مون ڏي آهن حرف هزار.

8. 'ولي بخش' چئي رهجان راضي، اتئي نام الله جو آزي،
اي ميان اڙين جا آڌار.



تلهہ: اچ يار وري هڪ واري آئون صدق وڃان سؤ واري،
آئون کهور وڃان لک واري.

1. پهرين پيارل پيار کيو ئي، پوءِ وري ڪو ترس نہ پيو ئي،
کهڙو روح ۾ خيال رهيو ئي انهيءَ مونجهہ منڙا آهيان ماري.

2. جانب جدائيءَ ۾ جيئڙو جلي ٿو، ڪو وس توسان نہ حاڪم هلي ٿو،
پيو لوڪ سارو خوش ٿي کلي ٿو، هڪ آئون اوهان جي عشق آزاري.

3. منڙا مون کان منهن ۾ لڪايو، پردو حجاب جو لالڻ لاهيو،
سڪنديءَ کي سائين ڪيم سڪايو، تنهنجي تات طلب آهي تاري.

4. توسان ڪهڙي حجت هلايان، تنهنجي جوڙ جتيءَ جو ناهيان،
تومان آس اميد نہ لاهيان، تو ساجن ڪين سنڀاري.

5. ڪڏهن گل ڳرهاتيون پيارا تو پاتيون، واهہ واهہ وصال جون اهي يار راتيون،
پايون پرين تو تي جهاتي ۾ جهاتيون، ڪيئہ ڪانہ منهنجي پوءِ ڪا پوئواري.

6. ازل سر تي آيو ڪي ايندو، وٺي ساهہ ساجن مون ڪان سو ويندو،
ڪو ترس تر جو تنهن ڪي نہ پيندو، هيڪر حياتي ۾ ڏيو ڪا ڏيکاري.

7. ’ولي بخش‘ ڪي بخشيو پچايون، ڪيم ڏسو ائين ڪامل ڪچايون،
ناتو نينهن جو اچ تہ نباهيون، دلدار ڏيو ڪا دلداري.

(35)

ٿلهہ: مٺا محبوب من مهڻا، سڪندا چو سڪائين ٿو.
رقيبن سان رهاڻيون ۾، مون ڪان منهنڙو لڪائين ٿو.

1. لکين لائق سجڻ سنڌئي، ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايان،
ڪڏهن دلدار دلداريون، ڪڏهن وريو ڏِڪائين ٿو.

2. ڪنين سان ويجهڙو ويهيو، ڪرين محبت مٺيون ڳالهيون،
ڪنين سان گهنڊ ۾ گهونگهٽ، ڪنين بيزر وڪائين ٿو.

3. حجت ڪهڙي هلائيندس، جتي جو جوڙ آءُ ناهيان،
جي تو مون سان ڪرين ماٺا، تہ ڇتل ڦٽڙا ڇڪائين ٿو.

4. ’ولي بخش‘ ڪي ورهيہ گذريا، سڪندي سڪ

تنهنجي ۾،
تنهن کي ورهه ڏيو ويتر، وصل لاءِ وِسڪائين ٿو.

▯

(36)

ٿلهه: تنهنجي عشق مون سان ڪيون يار ڪيڏيون،
سٽيون سؤ سر تي هلائون مون هيڏيون.

1. تنهنجي برهه باهيون، ڏاڍيون يار لايون،
توکي ڪنهن سيکايون، اهي رمزن جون ريڏيون.

2. رکي نينهن ناتو، توسان پيچ پاتو،
مون سهيءُ سڄاتو، پائن تي ٿيون ٽيڏيون.

3. اندر روح رهٽا، ڪنهن کي ڪين ڪهٽا،
ڏين منهن تي مهٽا، هليو هڪ جيڏيون.

4. اڇو يار ياقي، ٿيو محب ملاقي،
رهيل دم باقي، خدا لڳ ڪيڏيون.

5. توسان لئون لايم، اڪڙيون آڙايم،

پرت ڪي پڙهايم وِرهن جون ويڌيون.

6. اهي ’ولي‘ بخش وايون، ناتو نباهيون،
ڪريو نا جدايون، عجيبا ائين ايڌيون.



ٿلهه: آيو عجيب ڪري امداديون، ڪريان شڪر ٿيون دل شاديون.

1. اچي پير پيارل پايو، ٿيو لايو سپ سجايو،
هاٽي اگڻ ٿيم آباديون.

2. آيو محب مٺو دل جاني، سؤ وار صدق هيءُ پانهي،
اچ پنيون من مرادِيون.

3. آيو وحدت جو وڻجارو لٿو من تان سپ مونجهارو،
اچي پاڻ ڪيائين آزاديون.

4. جيڪي دشمن هئا هچارا، ويا موذي مري منهن ڪارا،
تن سان ترت ڪيائين تعديون.

5. ’ولي بخش‘ سان مولا ملايو، بسم الله پلي ڪري آيو،
وُڙهيون واهه وحدت واديون.

(38)

ٿلهه: اڄهي آيون امالڪ آيون آيون ڪنهن نه ورايون،
اڪيون اڙنگ ڪري آڪرو.

1. سڪل پَٽ ڪيائون ساوا، پاٽي پرت مان پي پي ڏاوا،
آٽي لالڻ جتي ٻه لڳايون.

2. وسي وسايائون ويران آباد، آباد برباد برباد آباد،
اچي مُحبن جتي ته ملايون.

3. اڪيون عجيبن ڪُنديون ڪاريون، ساڻ ڏسڻ ڪن قاريون قاريون،
وجهن ڏنگن ڪي ڏاهيون.

4. ’ولي بخش‘ ڏي واليءَ ورايون، بسم الله پلي ڪري آيون،

آيون چُمي اسان چايون.

(39)

ٿلهہ: پيلا چا ڪان چو آهہ وساريو تو، نڪي قول ڪيل وري پاريو تو

1. نڪو مرڻ منهنجو نڪو جيئڻ منهنجو، نڪو پڙڻ منهنجو نڪو ترڻ منهنجو،
نڪي ساعت توريءَ سرڻ منهنجو، نڪي سهٽل يار سنپاريو تو

2. نہ مارين تو نہ جيارين تو، نہ نهارين تو نہ وسارين تو،
ڏيئي گوندر گڏ نہ گذارين تو، لائي نينهن نسنگ نہ نهاريو تو

3. منهنجو مهندار بہ تون منٺار بہ تون، دلدار بہ تون ديدار بہ تون،
منهنجو ياقي يگانو يار بہ تون، ڏيئي سڪ جو سبق سيکاريو تو

4. اچ قرب ڪري بہ تي پير پري، هاٽي وچ نہ پري نتي ساهہ

سري،
ڪيو مست آهيان تنهنجي ذوق ذري، ڏيئي ٻارڻ عشق جو ٻاريو تو.

5. سڻ هيءُ ته سدا آهيان گولو گدا، تيءُ ڪيم جدا اتئي اسم خدا،
’ولي بخش‘ جي آهي الوداع، جنهن ڏي ورق وصال نه واريو تو.

(40)

ٽلھ: سهڻا يار سجڻ اهڙو ثواب نه ڪر، هيڪر پاسي رُخ تان نقاب نه ڪر

1. تنهنجي گهور نيڻن جي گهايل ڪي، سڪ سورن جي ته ستايل ڪي،
تنهنجي ماڻن جي ته مجايل ڪي، جاني يار جيئين تون جواب نه ڪر

2. دلدار ديدار جي ڪول دري، دلدار ديدار لاءِ دل آ چري،
متان فوت فراق ۾ ٿئي سا مري، اهڙو يار عجيب عذاب نه ڪر

3. پنهنجي دستئون پيارل پيار ڪٺي، اک اک سان ملائي اک جي اٺي،
آهيان ڏاڍو اجيو ڏي گهاتي گهٽي، هسي هسي تون ڏي کو حجاب نه ڪر

4. منهنجو امين به تون انصاف به تون، منهنجو دين به تون

مصحاف به تون،
منهنجو پردو پوش غلاف به تون، منهنجي ڪچاين جو تون ڪتاب نه ڪر.

5. 'ولي بخش' کي بخش بچايون سڀ، ڍڪ عيب عجيب اگلايون سڀ،
ڪر پنهنجا پال پلايون سڀ، آهن مون ڏي مڙيئي تون حساب نه ڪر.

□

(41)

ٿلهه: عشق آ عجب عجاب، برهه بهادر آهي بالا.

1. دين ڪُفر سان مور نه مطلب، عشق رکي ٿو ناڪو مشرب،
نڪو ڏوهه ثواب، ڪم ڪري سڀ خود خيالا.

2. ازلي عشق جني تي آيو، تنين سانگو سر جو لاهيو،
سوال نه ڪيو پيو جواب، قرب ڪراين ڪيڏا ڪشالا.

3. حسن جو پالو دست ڌري ٿو پاٽان وٽندا ڪم ڪري ٿو
نينهن آهي ناٿ نواب، موهيو مرد ڪري متوالا.

4. زلفن جون ٿو پائي ڳل ڳاريون، ابرو آهن تيغون تراريون،
اکڙيون جيئن اوقاب، چور ڪري ڏيو چشمن چالا.

5. چشم مبارڪ جيڏانهن چائي، ڪئين ٿو گهوٽ گهورن سان گهائي،
ڪري تڪيرو تاب، برهه بچائي ٻچيون پالا.

6. عشق اناالحق جو دم ماري، ماريو ڪئين ٿو جوان جياري،
رُون رُون منجهه رباب، ڪولي قلب جا تاڪيون تالا.

7. سبق عشق ڪان سکجان ساري، ’ولي بخش‘ پيا ورق وساري،
پڙهه تون برهه جو باب، نينهن جا نقطا آهن نرالا.

(42)

ٿلهه: ڪريو عشق عليل، ڪيئي گهوٽ گهمائي گهاٽي.

1. ڪنهنجو واريو ڪين وري ٿو، پاٽان وٽندا ڪم ڪري ٿو،
پنهنجو پاڻ وڪيل، جاڻ سيپئي سو ٿو چاٽي.

2. ڪم ڪري سپ ڪفر جهڙا، سر ڪٽي ٿو جتيون جهيڙا،
اتي ڪو ڪو ايندو قليل، طرف توڪل جي سو تاٽي.

3. ڪئين مجذوب ڪري مستانا، لاءِ ديدار جي وطن ديوانا،
آهي اصل اصيل، وجهيو ور ولئين جيئن واٽي.

4. برهه ۾ آهي سر جي بازي، رهه رضا تي ٿي تون

راضي،
دل ۾ نہ آڻج دليل، نينهن ملي تو نا ڪنهن ناڻي.

5. ’ولي بخش‘ وچ وک وڌائي، محبت جو ميدان ملهائي،
پيءُ تون جام جليل، موج محبت جي ڏس ماڻي.

(43)

ٿلهہ: عجيبن جون اکيون، پيئي نيڻ نرگس،
ڪنديون ڪاريون ڪجليون،
بنائين تيون بيوس.

1. نشي نينهن جي سان ڀئي نيم خوابي،
وانگي شينهن شوريل سرڪش شرابي،
تني سان نياهڻ سندو ڏانءُ ڪو ڏس.

2. اچن سي امالڪ منجهان قرب ڪاهيو،
وجهن وير وريام ڪئين ڏنگ ڏاهيو،
خماري خماريل ڪڏهن ڪين ڪن بس.

3. مون کي منهنجي اکڙين انيءَ سان اڙايو،
جني کي ڪڏهن ڪين ڪو ترس آيو،
اهي ناز پرور سکيون اهڙي سروس.

4. ’ولي بخش‘ سان تن رکيو نينهن ناتو،

ڏيئي ڳل ڳراهتي پکو پيچ پاتو،
ويو پنهنجي وس کان ٿيو هاڻ هن وس.

▯

(44)

ٿلهہ: سچي درد بنان سابات کهڙي، عطا عشق نہ ٿيو پوءِ ذات کهڙي.

1. ڀلي کو شاعر شعر آوازي ٿئي، توڙي پڙهي مُلان کو قاضي ٿئي،
جي يار رانجهن ناراضي ٿئي، بنا عمل ڀلا آيات کهڙي.

2. سڀ آيات ڀلي سڀ ذات ڀلي، سڀ بات ڀلي سڀ ذات ڀلي،
سڀ ڏينهن ڀلا سڀ رات ڀلي، جنهن ۾ محب نہ مليو سا رات کهڙي.

3. جيکو مُلک معنيٰ جو ماڻي ٿو، اهو صفت ۾ ذات سڃاڻي ٿو،
پروان ٿي پرت پچاڻي ٿو، ناهي تانگهہ طلب پوءِ تات کهڙي.

4. ٻيا ناهه لکين پيو تاهيندو، تند توکل کين وڇائيندو،
جدا يار جانيءَ کي پائيندو، ’ولي بخش‘ اها وصلات کهڙي.

(45)

ٿلهه: مون کي دوست دلبر ڇڏيو تو وساري،
تنهنجي تات ڏينهن رات جيئن تاڙو تنواري.

1. تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڏکڙا ڏٺم کي،
سوين سور سر تي ساجن سٺم کي،
سندم ساهه سهٽل سدا تو سنپاري.

2. کيم دوست دلبر در در گدائي،
کريو کيم مون سان اي جانب جدائي،
اصل آئون اوهان جي لڳس يار لاري.

3. اول ياري لائي چني پوءِ ڇڏيو تو،
پنهنجو پاڻ سان کين گولو گڏيو تو،
چاڙهيو چوٽ جنهن کي نينهن جي نظاري.

4. اٺ ئي پهر عجيبا تنهنجي انتظاري،

بلاشڪ بدن ڪيو برهه بيقراري،
وصل لاءِ ’ولي بخش‘ پيو تو پُڪاري.

(46)

تلهه: تنهنجي تانگهه طلب مون کي تات آهي،
وسري ويل نٿي ڏينهن رات آهي.

1. لنئو لنئو ۾ مون کي يار لوري آ،
پي روز جهجهڻ ۽ جهوري آ،
توسان زور هلي نڪا زوري آ،
آٽين آب اکيون جيئن برسات آهي.

2. ڪڏهن محب مٺا مون کي ملندون تون،
خوشحال سجڻ ٿي کلندون تون،
اچي اڱڻ اسان جي تلندون تون،
تنهنجي هجر ڪئي هي هات آهي.

3. هڪ ڏينهن پاتي تو جهاتي هئي،
سا صفات چوان يا ذاتي هئي،
اسرار عجب اصباتي هئي،
تو وري محب نه ڪئي ملاقات آهي.

4. تنهنجي ڏسڻ لاءِ مون ڏکڙا ڏٺا،
سوين سور سڄڻ مون سر تي سٺا،
مون کي هـاڻ ملو محبوب مٺا،
’ولي بخش‘ جي وائي اها وات آهي.

(47)

ٿلهہ: پهرين گڏي گوڏي وهاري، پوءِ ڏکي ناڏار ڪر،
محب ماڻن جا نہ ايڏا، تيز تون تڪرار ڪر.

1. دلبا ڏيئي دلڙي ڏتاري، تو پرين پنهنجي ڪئي،
هاڻي وجهہ وٺي نا وارجي، تون مهر ڪا منٺار ڪر.

2. تنهنجي جلوي يار جاني، ساهہ آ سوگهو ڪيو،
ڇڏ غصو غمناڪ سان، تون غور ڪو غمخوار ڪر.

3. تنهنجي پيرن جي پٽي، سر مون اکين جو مون ڪيو،
هي اکيون منهنجون پيئي، پنهنجي پير جا پيزار ڪر.

4. تو نوازيون ناز پرور، ڪيئي اگليون اوچيون،
’ولي بخش‘ تي وارث وري، تون وڙ ڪو وينجهار ڪر.

(48)

ٿلهہ: منهنجو تون ئي آهين، آئون تنهنجي آهيان،
تو مان آس اميد، ڪڏهن ڪين لاهيان.

1. مون ٻيو سيڪي ڇڏيو آهين باقي تون، منهنجو يار يگانو ياقي تون،
ڪڏهن مون سان ٿيندون ملاقي تون، توکي پانڌ پلو پل پل پايان.

2. ميڙيون نتا منا منهنجيون مجيو، ڏاڍا سور سڪايل ڏي تا سجيو،
ساعت سال پانيان ويهو ورهہ وجيو، تنهنجي ٻول ٻڌل ٻي جي نہ آهيان.

3. مون کي تنهنجي طلب ۽ تانگهہ رهي، تولاءِ ڪوڙين اڏايان ڪانگ پئي،
تنهنجي سانگي ڇڏيم ٻيا سانگ سيئي واڍيون ورهہ سنديون ويني يار وهايان.

4. چئي 'ولي بخش' وصال جي واڳ واريو، مئي ماڻن سان
منا کين ماريو،
اڇي گهايل سان کو دم گهاريو، آئون پاڳ پلا هوند پوءِ
پانيان.

(49)

ٿلهه: دلدار دلڙي ويو کٽي، هو ناز پرور ناز سان،
زور جرئت نا هليو تنهن، ناز بي انداز سان.

1. جيئن باز کو بانشو اچيو، تو منجهه چڙي چائي
چنبن،
چا چڙي کاوڙ کندي، تنهن شوق جي شهباز
سان.

2. پهرين پيارل پيار ڏيئي، مستان دل مجروح کئي،
من موهن موهي وڌي، رمزن واري کنهن راز سان.

3. عيش ۽ آرام سڀ، ان جي نهوڙي ناز نيا،
هاڻي رات ڏينهن رهٽو پيو، سڪ سوز ۽ گداز سان.

4. باقي رهيو هڏ ماس چم، سو پيو ڳٽين ۾ ڳري،
عقل مت ٻئي پيا منجهي، هک گهور ۽ غماز

سان.

5. ان جي رفتار ۽ گفتار ڪئين، ماڻهو ملڪ موهي وڌا،
حورن پرين حيرت لڳي، پرين سندي پرواز سان.

6. 'ولي بخش' جو وس ناهليو، من کو ترس تنهن کي پوي،
بيزر بندو بردو بنيو ان لئون واري لحاظ سان.

(50)

ٽلهه: سو سو سلامن تون ڏيئي، چئج سونهن جي سرتاج کي،
مون کي منا هڪ تون ڪپين، آئون ڪوهه ڪريان ٻي ڏاج کي.

1. پانڌي پيارل کي چئج، ديدار جو دارون ڏيو،
تيا سڪندي سال ڪئين، اهنجي انهيءَ علاج کي.

2. هيلا حڪيمن ڪئين ڪيا، پر ڪونه پيو ڪنهن کي پتو،
ڏيو ٻُڪي ڪا پاجهه جي محبوب هن محتاج کي.

3. تنهنجي برهه جي بندگي، بيزر غلامي مون مجي،
تو سوا ڪيڏانهن ڪريان، ٻي رسم ۽ رواج کي.

4. عيب اگلايون گهٽيئي، مون ۾ آهن منهنجا متا،

سي سپيئي ڏوليا ڏکي، لائق رکو منهنجي لاج
کي.

5. ’ولي بخش‘ کي هر وقت، تنهنجي تانگهه طلب
تات آ،
ماندو ملڻ لاءِ تو مري، هئه هئه ڇڏئين بي هاج
کي.

(51)

ٿلهه: چوڻ دل جي اکيون اڙيون، وجي ڦاٽيون مون کان
زوري.

1. پهرين محبت ملين ميٺيون، پرائي پُور پوءِ ويٺيون،
ڏکن سان هاڻ ٿين ڏيٺيون، لڳي لئون کاوين لوري.

2. اچي اٽکي اهڙيون اڙيون، سدا سهمن اندر سڙيون،
جهلين تيون تاب ۾ تڙيون، جهڄن ڏينهن رات کيو
جهوري.

3. منهنجي وس کان ويئيون هاٽي، ماريون محبوب جي
ماٽي،
ٽِڪن تر ناکهين تاٽي، لڳيون ظاهر نہ کي چوري.

4. ’ولي بخش‘ سان نہ سي سرتيون، پيارل يار کي
پرتيون،

جنهن ڪيون قابو ڏيئي پرتيون، گهٽيئي تنهن ڪئي
نہ سا توري.

(52)

ٿلهہ: تنهنجا ڳڻ ۽ ڳالهيون يار، ذري ذري ٿيون ياد پون.

1. تو جي ڳل ڳراهٽيون پاتيون، جهاتي ۾ ڪي پائي جهاتيون،
چوڪيون سنڌئي چاليون يار، مون کان ڪنهن دم ڪين ٿيون وسرن.

2. دم دم دل ۾ دود دکائين، روئاڙيو روئاڙيو لڙڪ وهائين،
اکيون ڪن سي آليون يار، جيئڻ ڪي موسم مينهن وسن.

3. ڏيئي فراق ڪري فراقي، وجي يار يڪو ٿيون ياقي،
هٽي ديدون دو ناليون يار، سي نہ ڦٿيل اجا پيا ڦٿڪن.

4. قدم قرب جا پريو بندي ڏي، هن اوهان جي سائين سندي ڏي،
نہ ڳنجي جاني جاليون يار، پل نہ بيا پيا ڏيهہ ڏسن.

5. تنهنجي ياد اندر ڏي اُڌما، سهڻا سور سوين پيا صدما،
تنهنجيون رمزون نراليون يار، ڏيهه سڄي ۾ ڪين تيون ڏسجن.

6. ياد 'ولي بخش' ڪين وساري، تاڙي وانگر تات تنواري،
توجي پياريون پياليون يار، اڄي تايو آهي تن طلبن.

(53)

تلهه: صدق صدق سو واري صدقي، لاهي نقاب نهارڻ تان.

1. نيڻ خماريل ڪٽي خوشيءَ مان، ڪلي يار ڪيڪارڻ تان،
غمن ۾ پي غوطا ڪاڻم، تار انهيءَ مان تارڻ تان.

2. واعدا وصل جا ڪيا تو جيڪي، پنهنجا سيئي پارڻ تان،
دلبر اڄ ديدار ڪرايوَ، انهيءَ سارڻ يار سنيارڻ تان.

3. ڪڏهين ته ويجهو ڪين وهاريوَ، اڄ گوڏي گڏ ويهارڻ تان،
منٺا منٺيون ٻوليون ٻولي، دلڙي يار ڏتارڻ تان.

4. هتيار حُسن جا يار ڪٽي، اڄي عاشق سر اولارڻ تان.
موتو وانگي ماري ماريئي، انت موتو جيارڻ تان.

5. گھور ٿيان لک گھورون گھوريان، واڳ وصال جي وارڻ تان،
اھي احسان لکين لک ٿورا، گڏجي يار گذارڻ تان.

6. ساقي سرڪي ڏنيئي مرڪي، تنھن پيالي پر پيارڻ تان،
مون پانيو آئون وسري ويڙس، 'ولي بخش' کي ڪين وسارڻ تان.

(54)

ٿلھ: محبت ۾ منھنجا مٺا، ويھ نہ گڏجي يار گذاريون.

1. ويھ وڃڻ جون وايون چڏي ڏي، قرب ۾ ھردم رھون ٿي ڪٺا.

2. جاني جدائي جيئڙو ٿي جھوري، ڏک نہ اڳي ئي مون آھن ڏٺا.

3. تانا تنڪا مھٽا ملامت، سي نہ سيپيئي مون سر ٿي سٺا.

4. ويھ 'ولي بخش' سان ٿي ويجھو، ورھ جا جنھن سر مينھن وٺا.

## (55)

ٿلهه: تنهنجيون ڳالهيون سڄڻ، منهنجي روح ۾ رهيون،
مون کي تون نہ مليون، مون ڪنهن سان نہ ڪيون.

1. منهنجي محرم حال جو پائي تون، ڪر ايذي ڪيم جدائي تون،
مون سان بيحد بي تہ وفائي تون، ٿيو ڏيل ڏکن ۾ يار ڏهيون.

2. هاڻي هيڪر اچو چڏي هوڏ مٺا، تنهنجي واهہ وٺي مون کي لوڏ مٺا،
توريءَ ڪنهن سان ڪريان آءُ ڪوڏ مٺا، تنهنجي عشق ڏنيون ڏاڍيون درد ديون.

3. اچيو چت تي چڙهن تنهنجون چالڙيون، مٺيون محب تنهنجون جي مکا لُڙيون،
اهي ڳٽن پريون جي ڳالهڙيون، مون کي ياد پون نئين سج تہ نيون.

4. پنهنجي پر ۾ روز پچاريان ٿي، ڪريو ياد هنجون نت هاريان ٿي،
هڪ ويل بہ ڪين وساريان ٿي، منهنجون آهن ثمر اهي ساهہ سنيون.

5. مون پيو سپ کي چڏيو توکي نہ چڏيان، تولاءِ جايون اکين ۾ يار اڏيان،
توکي ساعت ساعت آءُ تہ سڏيان، پيون وايون مون کان سپ يار ويون.

6. ’ولي بخش‘ جا ٿا نيڻ وهن سڪ صبر پيئي ڪيئن ٿهن،
مون کان زوريءَ ٿيون وجيو پڏر پون، جيڪي آهن اندر ۾ اڻ تہ ميون.

□

(56)

تلهہ: حال پائي آ هيڪر، قرب وارا پري قدم،
ساهہ سڪي ٿو ساري، دوست اوهان کي دم دم.

1. ڳل ڳراٽي پائي وري وساري ڇڏيئي،
سور ثمر ساڻ ڏيئي گوندر منجهہ گڏيئي،
ٻي ڪنهن کي هاڻ سڏيان، من جو تون ئي محرم.

2. سال ٿي ويا سڪندي، توکي ساريان ۽ سڏيان،
اڱڻ ٻهاريو دل جا، اکين اوطاقون اڏيان،
واڳ وصال آ واري، هوئج هميشان همدم.

3. ڪئين سهڻن کان سهڻا، ڏيهہ ڏوري مون ڏٺا،
تنهنجو مٽ نہ پانيان، منهنجا محب مٺا،
تنهنجو هلڻ ملڻ ڪلڻ، ڏي سورج کي شرم.

4. مهل مرڻ جي مون وٽ، مانَ اچين تون موٽي،
آئون اوهان جي آهيان، توڙي ڪري جي ڪوٽي،
ڪير ڪندو پيو توريءَ هن ڪوجهيءَ تي ڪرم.

5. هيلا حڪيمن ڪيا، ورهہ وڏي ويو ويٽر،
درد لهي نہ دل جو جاني ملين نہ جيٽر،
محب جڏهن تون ملندين، ٿيندين بيماريون پوءِ
بسم.

6. ’ولي بخش‘ کي ويتر نئين سج سور نوان،
ڪريو سڪائون سانديان، محب مُڪا جي اوهان،
تن ڳارا ڏيئي ڳاريو، جاني يار جسم.

پائي.

4. جنهن سان تو هو گڏ گذاريو، تنهن کي تو نه سڄڻ وري ساريو،
ڪيئن پلا اهو ڪٽي ڪٽي، ڳالهيون تنهنجيون ڳايو ڳائي.

5. 'ولي بخش' ڏي وري ورڻ جي، ڪر پيارل پير پرڻ جي،
نہ ڳالهيون ڪريون کي ٻتي ٻتي، اچ تون پنهنجو پاڻ پلائي.

(57)

ٽلهه: ويهه نہ منهن تون متي متي، پرديسيئڙا پريت لڳائي.

1. مندون موتي ملڻ جون آيون، وري ورڻ جون ڪرڪي وايون،
جيءُ نہ توري جتي جتي، جاني ڇڏ مَ تنهن کي جلائي.

2. بازي برهه جي يار بنائي، گهور نيڻن سان دلڙي گهائي،
ڪٽي ويون تون ڪتي ڪتي، ڏيئي راز کو رمز رلائي.

3. وجي يار يڪو رهيون ويهي، ڪري ڏکن ۾ منهنجي ڏيهي،
سک سورن ۾ ستي ستي، پيچ پرت جا دل کي

ٿلهه: مندون موتي وري آيون، مان ورن وڻجارا،
پچان پجران پڙهان پيئي، سندا سورن سيپارا.

1. سجڻ سلامت ثابت وطن وري شل ايندا،
ڪاف ڪشالا تن جا ساب سپيئي پيندا،
من مرادون پجندن هُون سدائين سوپارا.

2. آئون ته انهن لاءِ اجا روز اداسي آهيان،
پرهه ڦتيءَ جو فالون پرين لاءِ پايان،
اڄ سياڻي مان اچن جاني جيءَ جيارا.

3. نجم نجومين ڪان پوٿيون پڻايو پچان،
محب ڪڏهن سي ملندا جن لاءِ لڇيو لڇان،
ڪائڻ پيئڻ عيش عيدون خيال خوشين جا
ڪارا.

4. پيرن فقيرن ولين تي باسيم ڪئين باسون،
الله پچائيندو اهي اندر منهنجي جون آسون،
محب موتي مون ملندا، من منهنجي جا
منٺارا.

5. 'ولي بخش' ڏانهن ڪڏهن واءِ وصالي ورندا،
عجيب اکين سان ڏسي نيڻ نماڻا ٺرندا،
درد دفع سپ ٿيندا دوست پسي دلدارا.

(59)

تلهه: پرين پاريو ائين پنهنجو واعدو وصال جو،
جاني پسايو جلوو جانب جمال جو.

1. شمس قمر تارا تنهنجي چمن پيئزارا،
چهرو چٽو چوان چا بدري هلال جو.

2. اول توڙي آخر باطن توڙي ظاهر،
رهي ٿو دور دل ۾ تنهنجي مقال جو.

3. منگي بيک ٿو بکياري ديدار دان واري،
بخشيو مناکو بهرو برهه بحال جو.

4. آهين سخي سخا ڪر پازي پنهنجي ڪي
پاڪر،
منگتو آهيان مدامي محبت جي مال جو.

5. سائين ڪريو ستاري ٿئي برهه کو بهاري،
ڏيو خير لڳ خدارا خوبان خيال جو.

6. ڏيو ذوق ذڪر ذاتي رهي روز ڏيهان راتي،
ڏيئي نينهن ۽ نوازيو ڏوڏو ڏمال جو.

7. ’ولي بخش‘ آ سوالي محبت سندو موالي،
تنهن کي عطا انعام ٿئي قربي ڪمال جو.

(60)

ٿلهه: جِييسَ جانيءَ ياد ڪياس، ياد هجان شل وري نه وساري.

1. ڪيڏو قرب ۽ ڪرم ڪيائين، پرم شرم جو ڏک ڏکيائين،
آئون ٿورائتي هاڻ ٿياس، سر ساهه صدق ڪريان واري واري.

2. جلوو جمال آهي جنهن کي، سنجهه صبح آهي سوال تنهن کي،
جڳ ۾ جنهن جي نانءُ سياس، سو پنهنجي پرت پرين شل پاري.

3. ٿورو لکن جو مون کي لاتائين، پيار وارو کو پيچڙو پاتائين،
هيس جڏڙي هاڻ جِياس، ڪئين جڏيون ٿو يار جياري.

4. منهنجو محب ڏسي جا هيڪر، سک نه سمهي سا جَلي جيڪر،
اهڙي آهي سونهن سُنَدياس، پل پل پيئي پوءِ پڪاري.

5. ’ولي بخش‘ چئي وصال وارو، پرين پسايو نور نظارو،
جنهن لاءِ آءُ سال سِڪياس، تنهن اڄ پُر ڪيو آ پياري.

▯

(61)

تلهه: مالڪ توکي ڪيو متاهون،
آهي پرين وٽ تنهنجي پچار،

1. گس لاءِ تون چڱي گرهوڙي،
آئون آيس تو در ڊوڙي،
بنا عجيب جي آهيان اجوڙي،
تون لهه ڪا اهڙي سار سنڀار،

2. سائل آيس تو در سوالي،
مون کي ملائج وارث والي،
عزت تنهنجي اصلئون عالي،
تي حمايت هر وار،

3. محبت مون کي مال ڏيارج،
دانهه دهرو دان ڏيارج،
پرتئون پيالو پريم پيارج،
آهي تنهنجي ڪل اختيار،

4. شال نصيب تئيم شريعت،
طالب آهيان ڏينم طريقت،
حال منگان تو توکان حقيقت،
معرفت ۾ تون آهين مختيار،

5. ’ولي بخش‘ چئي آهيان ويچارو،
تو در آيس پنڌ پئنارو،
منهنجو مقصد ڪجان موچارو،
آهن الله جا توتي آر،

▯



ٿلهه: محمّد منصور ٿيو مانجهي، برهه جو سر ڪٽي بارو،
ڪُلي خوشبوءِ ڪتياڻن ۾، هليو هر جاءِ هٻڪارو.

1. ڪري ترڪ قبل ماضي، رضا تي رند رهيو راضي،
ڪري سڀ غير گم غازي، اناالحق جو هنيو نارو.

2. نچي نروار ٿيو نانگو، چڙهي سر ساهه جو سانگو،
لنگهي لاحد وارو لانگهو، ٿيو سرمد جيئن سوپارو.

3. مچائي ميخانهه منصوري، پرت پنهنجي پاري پوري،
حاصل هر حال حضوري، نظر ۾ ٿيو سو ناميارو.

4. ڏئي وارا ٽڳا ٽوڙي، ٻيائيءَ کي ڇڏئين ٻوڙي،
چڙهيو توڪل سندي گهوڙي، ڇڏي لالچ سندو لارو.

5. سانگو سر ساهه جو لاهي، محمّد جيئن موج مچائي،
اهڙو ٻيو ڪير ڪٿ آهي، ’ولي بخش‘ آ ورهه وارو.

تلھہ: سھڻو ساميئڙو دلڙي لُٽي ويو، دلڙي لٽي ويو ڪو دم ڪتي ويو.

1. وڃڻو اصل ھو وطن ويراڳي، سچو سنياسي سامي سھاڳي،
رام ريجھايو جوڳيءَ جاڳي، مون ڪان مھيسي منھڙو متي ويو.

2. مون کي ملي من مرد مھيسي، عاشق عشق جو اصل اويسي،
ھتان ھليو ويو پورب پرديسي، سڪ سورن جي سير ۾ ستي ويو.

3. ترڪي ترڪ کي ترڪ ڪيائين، ڪين بنا پيو ڪين ڪنيائين،
سڪان ساريان آئون سدائين ڏيئي درد دل کي دلڙي ڦتي ويو.

4. ننگ نياھي نيھي سو نيندو، اتم اميد تہ ڪين ڇڏيندو،
پنھنجو پاڻ سان گڏ گڏيندو، سڳو سڪ جو وجھي وتي ويو.

5. جوڳي پنھنجو جيءَ جلايو، نانھن تي نانگي نات نمايو،
’ولي بخش‘ تنھن ڪان ورھ وھايو، ڏيئي جھام جھوري جيئڙو جھتي ويو.

ٽلهه: اجا ڪونه آيو ڪو قاصد قريبن،
وريو ڪونه واڳي سندو يار سڄڻن.

1. سندن شان شاهي آئون نوڪر گدائي،
ڪريان چا وڏائي اڳيان عجيبن.

2. پلا ڪندا پيرو ساجهر سويرو،
متيندا نه ميرو ملان شال مجيبن.

3. ويل نه وساريان هنجون روز هاريان،
نڪريو نهاريان نرتئون نجيبن.

4. پل پل پچايان اميدون نه لاهيان،
’ولي بخش‘ وَهايان هنجون لاءِ حبيبن.



ٽلهه: ادا ساتي سڄڻن کي، منهنجا سلام ڏج ساري.

1. پئج پيرين منهنجي پارا، پائي ڳچيءَ ڳل ڳارا،
سنيها هي چئج سارا، مني محبوب موچاري.

2. وصل جي واڳ هاٿي واريو، نه مون کي ماڻن سان ماريو،
ڪيل پنهنجا قول پرين پاريو، چئج دل لائي دلداري.

3. وجي تو حال تيندو هيٺو، لڳي تو نا چندو ڦيٺو،
درد وڏي ٿيو پيٺو ٽيٺو، ماريو انهيءَ آ مونجهاري.

4. حياتي مثل آهي حُباب، هٽايو پردو حجاب،
پسايو منهن منا مهتاب، اچو ننگ پنهنجو نهاري.

5. اسان جا عيب اگلايون، ڍڪيو ڍولڻ ائين ڍلالون،
بي جا ناهيون تنهنجا آهيون، پيل اصل ڪان پناري.

6. پيا نه عاشق اتي اهڙا، ڪي مون ڪان وڌ ڪي مون جهڙا،
ڏسڻ منهن لاءِ ڪريو ميڙا، پيو هرڪو تو پڪاري.

7. ڪجان اهڙي اُتي آزي، نمي نوڙي تون نيازي،
ريجهائي تون ڪجان راضي، اچي من پوءِ اوطاري.

8. منا محبوب دل جاني، رهي تو حال حيراني،
تي آ ضعيف زندگاني، چيو ’ولي بخش‘ ويچاري.

(66)

ٿلهہ: پانڌي پچايان تولاءِ، ڪانگ اڏايان او يار پيارا.

1. رات ڏينهان تنهنجي طلب ۾، ويٺي واجهايان.

2. پيرن فقيرن مجيو مجتائون، پوٺيون پٽايان.

3. اچ اگڻ تي يار پيارا، گهورون گهمايان.

4. تنهنجي آهيان تنهنجي هونديس، تنهنجي سڏايان.

5. ’ولي بخش‘ چئي هر ويلي پيئي، ورهه وسايان.

تلهه: باهه برهه جي يار پڙڪائي، ڏاڍو ڪو ٻارڻ ٻاريو ٿئي.

1. نازن وارا ناز، ڏيکاري مون کي ماريو نه جياريو ٿئي.
2. گهُنڊ گهونگهٽ سان دلڙي گهائي، محب ماڻن سان ماريو ٿئي.
3. خوش هجين تون يار سدائين، مون کي نه خوشين کان ڪاريو ٿئي.
4. مون ضعيف بي زوريءَ کي، ڏاڍو ڏاڍ ڏيکاريو ٿئي.
5. جلان جدائيءَ ۾ آئون جاني، تو ساجن ڪين سنياريو ٿئي.
6. ’ولي بخش‘ کي برهه بجائي، تِر نه ترس ڪو ڏاريو ٿئي.



تلهه: ماري ماڻن سان مشهور ڪيئي، ڏيئي چوٽ چشم چڪچور ڪيئي.

1. تنهنجا زلف وسيهر وار ڪرن، سر ساهه ستي ڏڙ ڏار ڪرن،
اهي محبت وارن جا مار ڪرن، موهي محب منا مخمور ڪيئي.

2. تنهنجا پونر پرون پيئي پالا تيا، تنهنجي نيڻن جا ناز نرالا تيا،
چقمق وانگي تن چالا تيا، دل درد وارن دستور ڪيئي.

3. تنهنجو برهه بلاشڪ باري آ، تنهنجي نيڻن جي نوڪ نياري آ،
توسان زور نڪو منهنجي زاري آ، آٽي زابر ذوق ظهور ڪيئي.

4. هٿيار حُسن جا مون کي هٽي، خوني نيڻ خماريل يار ڪٽي،

ڪيئي قرب وارو پئمال پٽي، واري 'ولي بخش' کي وهلور ڪيئي.

(69)

تلھ: هيڪر نام خدا جي نهار ڪٽي مُئي دلڙي يار جيار ڪٽي.

1. تنهنجي رخ ڪعبي جو طواف ڪريان، ۽ سجدي ۾ هي سرڙو ذريان.
قربان جنهن تان حوران پريان، سو منهن مون کي ڏيکار ڪٽي.

2. ڪري وار غلاف تو واري چڏيا، سي سيهي سموهي سينگاري چڏيا،
تو مشتاق هزارين ماري چڏيا، اهي ابرو ڪج تلوار ڪٽي.

3. تنهنجي رمز عجب رفتار عجب، تنهنجو گهند عجب گفتار عجب،
تنهنجي چشمن جا چمڪار عجب، مون ڏي واحد لڳ سي وار ڪٽي.

4. برباد دل آباد ڪري، ديدار ڏيئي دل شاد ڪري،
مون مسڪين تي اها امداد ڪري، گڏ گوڏي ساڻ ويهار

ڪٽي.

5. آئون نہ شيخ مشائخ پير آهيان، تنهنجي درجو منگتو فقير آهيان،
تنهنجي ديدار لاءِ دلگير آهيان، تون ديدار جو دان ڏيار ڪٽي.

6. نہ دولت زر خزانو کپي، نہ توري ڪو افسانو کپي،
’ولي بخش‘ کي پُر پيمانو کپي، سو پنهنجي دستئون پيار ڪٽي.

(70)

تلهہ: جهاتي پايو منهنڙو لڪايو ڇڏي،
البيليون اکيون اٽڪايو ڇڏي.

1. منهنجو يار چشم جڏهن چائي ٿو،
گهنڊ گهورن سان ڪئين گهائي ٿو،
جي ڪٽيو ڳاٽ ڳالهائي ٿو،
تہ لکين فقير ڦٽڪايو ڇڏي.

2. جيڪو اکڙين جي منجهہ آيو اري،
سو تہ ساري عمر پوءِ سور چري،
مجروح مثل جيئي نہ مري،
جنهن کي سيني اندر سٽڪايو ڇڏي.

3. دانهہ ڪئين دل گير ڪري،
ڪئين امير وزير فقير ڪري،
مستان ڪئين مهمير ڪري،
سر سوريءَ تي لٽڪايو ڇڏي.

4. توڙي هجي ڪو ڏهرو ڏڏ،
تہ بہ سڌيو ويهاري گوڏي گڏ،
ڪن جو نہ سٽي ٿو سورن سڏ،
ڪي سڪ ۾ يار سڪايو ڇڏي.

5. ڪئين مست منگهن مخمور ڪريو،

ڪئين چشمن سان چڪچور ڪريو،
ڪئين 'ولي بخش' جهڙا وهلور ڪريو،
لائي وصل وسڪايو چڏي.

□

(71)

ٿلهه: ڪٽي خبرون ڪريون خاصيون، آيو قاصد قريبن جو.

1. مٺان قاصد قرباني، ڏيان سر ساهه مهماني،
آندي جنهن يار جي نشاني، آهي نوڪر نجيبن جو.

2. صدق سو وار سڄڻ تان، مٿن منهنجن محبن تان،
قريبن جي ته قدمن تان، آهي ضامن ضعيفن جو.

3. جيڏانهن جاني چشم چائي، لکين تو گهور سان گهائي،
تنهن سان مٺ ڪير پيو آهي، حسن هالار حبيبن جو.

4. چئي 'ولي بخش' ڪين وساريان، سڄڻ سهڻو سدا ساريان،
آئون گڏجي مان گذاريان، آهيان عاشق عجيبن جو.

تلهه: اُٺي جاڳ جوڳي، تون جاڳي جفا ڪر،
ڪيل قول پنهنجو واعدو وفا ڪر.

1. اٿئي سانگ ساعت، دنيا دم گذر آ،
سچي سخت ڏاڍو، سٽاٽو سفر آ،
اتي رهنما تون مٺو مصطفيٰ ڪر.

2. ٿي هوشيار هل تون، دنيا آهي دلبو،
نہ رهيو ڪو رهندو، هتان نيت هلبو،
اٿئي خيال خالي، نہ خالي خفا ڪر.

3. آهي دم غنيمت، دلدار دم ۾،
فڪر ساڻ قولج، غازي ٿي غم ۾،
فڪر فيض آهي، سو سؤ سؤ دفعا ڪر.

4. مٿي موت تنهنجي تون غافل گذارين،
ڪليو ڪايو سمهين، نٿو دم سنڀارين،

جاڳي تون جاڳي، ڪي نيهي نفعا ڪر.

5. 'ولي بخش' واحد، دم نہ وسارين،
پنهنجي پاڻ ۾، سو نرتئون نهارين،
تنهنجو تو ۾ آهي، تون سينو صفا ڪر.
□

(73)

تلهہ: منهنجو دوست دلبر اجهو يار آيو، منهنجي ملڻ لاءِ واليءَ ورايو.

1. واٽون ۽ رستا ڪريو سڀ صفائي، اڱڻ گهر اجرا اعليٰ اڃائي،
ڪٽون پلنگ گاڏيون واري وڇايو.

2. عطر بوءِ ڪتوري سوين ڪي سرهاڻيون ڪٽي ساز سامان ڪريو رس رهاڻيون،
آيو آهہ عجب ائين ڳايو وڇايو.

3. ڪريو خير خيرات صدقو سڄڻ تان منهنجي يار محبوب منڙي ملڻ تان،
ڳڏي ڪير ڪنڊ ۾ ورچون وراهيو.

4. ڪريو سڀ سلامي ٻڌي هٿ ادب جا لکين اڄ احسان

رازق رب جا،
آڻي جنهن عجيب آ مولئُ ملايو.

5. 'ولي بخش' واحد واريو واءُ وصالي، مليو محب مون کي جناب عاليُ،
تيو هاڻ سڀ کم سهڻو سجايو.

---

فقير محمد بخش ضامن جي ولادت تي لکيل ڪافي
1967ع



ٽلهه: تون هي تون جي کر تنوار، واحد ويجهو ٽئي وارث ور ۾.

1. خد خوديءَ جا خيال وڃائي، محبت واري موج مچائي،
پوءِ پرين جي کر پچار، گهوٽ کي گولي لهجان گهر ۾.

2. ونحن اقرب اها آيت، وفي ان فُسکم سمجهه اشارت،
نائي پنهنجا نيڻ نهار، نافع خالق رک نظر ۾.

3. تنهنجو تو ۾ هادي حق آ، تر نه تفاوت تنهن ۾ شک آ،
عاشق تي تون عشق اُجار، تي فنا اٿئي فيض فکر ۾.

4. 'ولي بخش' تون ڪيم وسارج، چوويھ هزار سان پرين پچارج،
پنهنجو مالڪ سو مختيار، ڪو دم صاف تون آهين سفر ۾.



تلھ: مٺا محبوب دل جاني، ڪڏهن منهنجي اڱڻ ايندا.

1. ايندا فضلئون ڪري ڦيرو، پائي ڪو پرت جو پيرو،
ڪندا اچي دل اندر ديرو، هيٺي سان هڪ اچي ٽيندا.

2. جني جي جيءَ ۾ جهوري، لڳي لئون لئون ۾ لوري،
ڏکن جي ويا وجهي ڏوري، ڏکي کي ڏڍ اچي ڏيندا.

3. وصل واريون واري وايون، جوڙيندا جيءَ ۾ جايون،
پيالا ڪندا پاڻ پيلايون، وٺان پوءِ ورهه مون ويندا.

4. تن ريءَ ساعت ڪين سري، جن جي چاهه ڪيس چري،
اهي 'ولي بخش' ايندا وري، چري مون کي پوءِ ڪيئن چيندا.

(76)

ٽلھہ: جيئو جانب سدا جڳ ۾، متان مون کي منا مٽيو.

1. ڏکيا آھن ڏينھن مون ڏنڙا، ورھ جا مينھن سر وٺڙا،
ملو جيڪر مون کي منڙا، تہ پوءِ چڻ مون سيپئي
ڪٽيو.

2. ساريان آئون ڪين تو سُڪڙا، درد دل ۾ دکيا دکڙا،
ڏنوَ ڏاڍا مون کي ڏکڙا، تنين مان چا توکي وٽيو.

3. نہ ٽيو ظالم چڏيو ظن کي، تارون توکي پاتيون تن
کي،
ميخون محبت سنديون من کي، سي متان پانھيون
پرين پٽيو.

4. اچو فضلئون ڪري قيرا، پري کي پرت جا پيرا،
جلن تا جيءُ اندر جيرا، اچي کو دم پرين ڪٽيو.

□

5. مجو منتون منهنجون ميڙيون، چئو جهڙيون ڪريان تهڙيون،
عادتون ڪيم ڪريو اهڙيون، سڪڻ جي سوز آهيان سٽيو.

6. ڏيانڙو دل ۾ ڏرجو، قدم ڪو قرب جو پر جو،
’ولي بخش‘ ڏي وري ورجو، فراقن جو آهي ڦٽيو.

(77)

ٿلهه: ائئي پهر اُداس، ڪين لهي تي ڪو دم دل تان.

1. ويل وجود تان دم نه وسري، پرين تنهنجي پياس.

2. دم دم دلبر آهه اوهان جي، تانگهه طلب ۽ تاس.

3. سنڌ سنڌ ۾ آهي يار سمائي، برهه تنهنجي جي باس.

4. چاليون تنهنجيون چڙهن تيون چت تي، تڏهن نڪريو وڃن نيساس

5. ڪيئن تيون جڳائن جانب جدايون، تن ۾ ڪريو ڪي تپاس.

6. ساهه صدق توتان سپرين، هڏ چم منهنجو ماس.

7. منهنجو مطلب ناهه ٻيو ڪو، آهه خواهش ملڻ جي خاص.

8. ’ولي بخش‘ سان ڳڏ گذاريو ته وڃن سپيئي وسواس.

(78)

تلهہ: ساتي ڏيج سلام، پانڌي پرينءَ کي منهنجي پارا.

1. ڏج نياپا نياز سان نيئي، پيرين هٿڙا رکي ٻيئي،
پهچائج پيغام، پائي پاند ڳچي ڳل ڳارا.

2. چئج تہ لئون اوهان جنهن کي لاتي، سو تہ روئي ٿو ڏينهان راتي،
جر وهايو جام، نيڻ وهن ٿا کيو نت نارا.

3. ساڻ صبح سئو فالون پايان، ڪوڙين تولاءِ ڪانگ اُڏايان،
تر نہ وڻن ٿا طعام، ڪائڻ پيئڻ ٿيا سڀ ئي کارا.

4. سڪ جي سورن جنهنکي آ ستيو، تنهن کان محبت محب نہ متيو،
جو لڳو اوهان جي لام، تنهن کان ڪريو ٿا ڪوهہ ڪنارا.

5. ڪائي ڪهل نہ قياس پيو تو، ڪڙي ڪاڪل سان قيد ڪيو تو،
دل کي پائي دام، اول اکين جا ڏيئي اشارا.

6. جانب لاهيو هاڻ جدايون، اچو تہ ڳل ڳراٽيون پايون،
ڪريو رسڻ جي ڪام، پرچو مون سان يار پيارا.

7. برھ تنهنجي ڪيو جنهن کي بيراڳي، ’ولي بخش‘ تو وتي ويراڳي،
ڪريو کي اچڻ انجام، لايون نيڻن کي نوان نظارا.

(79)

ٿلهہ: عمر مرم مارن جو مون کي تو ماري، وڃان آئون ويڙهيچن انهن جي اوطاري.

1. لڏم خواب خاصو وطن ويئي آهيان، وڃي پيش پنوهارن جي آئون پيئي آهيان.
ڏنا ڏڍ ڏاڍا ماروءَ موچاري.

2. ڪري ظلم ظالم ڪئي بند باندي، منهنجي مارن لاءِ آهي دل ماندي،
سندم ساھ سانگي سدا تو سنڀاري.

3. تنهنجا پٽ پٽيهر اوڏيان ڪين آئون، مون کي لاڳ لوئيءَ جو ڏاجو ڏنائون.
سو پهرن پنوهارن پوان آئون پناري.

4. هتي هاڻ نہ جاڻان ڪهڙا پهر پيندا، هُتي مونکي ماروئڙا ڪيئن چيندا.
انهيءَ مير مون کي ماريو آ مونجهاري.

5. پڪا پال پيهيون اڏين اباڻا، ڏيو سِڻ سيراندي کن واري وڃاڻا.
اچي جيڪو اُجيو کن پر پياري.

6. ڪيا ڏٽ ڏوٽين سان مون گڏجي گذارا مون کي مور نه وسرن مارو موچارا.
وري شل وطن تي واحد واڳ واري.

7. پون ياد پل پل پکا ۽ پنوهاريون، وساريان نه وسرن ساٿيهه سنگهاريون.
اهو ڏيهه ڏاڏاڻون من ڏاتر ڏيکاري.

8. چئي ’ولي بخش‘ ويڙهيچن لاءِ وينئي واجهايان، ملان شل ماڙيچن اميدون نه لاهيان.
اڳيان ڪيت خوش تي ڪلي من ڪيڪاري.

□

(80)

ٿلهه: عمر اباڻي پار وٺا مينهن موڪون، ساٿيهه سانگين جو ٿيو سيئي سوايو.

1. خبر ڪنئيه جي مارن موڪلي ته وٺو سپ ولهار لٽيون راهه روڪون،
مون کي سنگهارن آهه سڏايو.

2. آئون قسمت قيد جا ڪيڙي، پيون پيڙيون ساڻ پيتار، ڪائن گولاڙا ۽ گوڪون،
مون کي قيد آهه ڪنبايو.

3. آئي آهي مند ڪنيين ڪائڻ جي، پيا ٻه ڏٽ هزار، پڪيون جام پوڪون،
مارئي مارن سان نيئي ملايو.

4. عمر لوئي آئون ڪيئن لاهيان هنسيون پائي هار، ڪندا مون تان ٽوڪون،

تلهه: وطن وڃڻ جي مون کي موڪل ڏيج ميان،
مينهن مند آئي پس پلر آئون پيان.

1. هڪ جيڏيون هٿ گهمن ساڻ پتارن پيڙيون،
ويل نتا مون وسرن ويڙهيچا ۽ ويڙهيون،
ڏيهه ڏاڏاڻي وڃي ڪنيپون ڪاج ڪيان.

2. پٽ پٽيهر تنهنجا مور لڳين نه لايان،
هار هسيون زر زيور پوءِ پلا ڪيئن پايان،
ثابت سيل رکي شال نياهي نيان.

3. اجا ڪونه آيو پنوهارن ڪان پانڌي،
جي ماڙين منجهه ميس ته ڪير ٽيندو ڪانڌي،
منهنجو مڙهه ملير وڃي ته چڻ ميائي جيان.

4. عمر اباڻن ڏي ويڙهه وري آئون ويندس،
ڪيرون ڪتيرن کي ڏهه پيرا ڏيندس،
مهڻو مون ڪاڻ هيءُ گهٽوئي آيو.

5. ’ولي بخش‘ چئي ويڙهه وڃان آئون، مارو ڏيندا ميار، پسان جهانگين جهوڪون،
سرور شاهه ڪندو سانگ سجايو.

میر عمر ڏي موکل تہ تاريلن ساڻ تيان.

5. ’ولي بخش‘ چئي موٽي وري ويڙهہ وڃان،
مارن ساڻ ملان اتم اميدون اڃان،
ڏونئرن ڏار پيچي ڏوتيئڙن کي ڏيان.

(82)

تلھہ: عمر ڪوٽ ۾ آءُ ڪنديس هت ڪچاڙو،
ڏسان شال اکين سان ويڙهيچن جو واڙو.

1. ڪڏي چڏ ڪوٽن مان وڃان آئون وطن تي،
آئي مند موٽي تنواري تو تاڙو.

2. تنهنجا باغ بنگلا وڻن ڪين مون کي،
اصل منهنجو آهي لوِيارن ڏي لاڙو.

3. تنهنجا سون چاندي جيڪي زر زيور،
عمر ايءَ اسان کي آهي سوءَ ساڙو.

4. ڪٽي کوھ تان تو ڪئي بند بندياٽي،
ڪڏهن ڪين ڦبندئي اهو ڏن ڏاڙو.

5. ’ولي بخش‘ کي هو وٽي وطن ويندا،

ملي مان مون کي پنوهارن جو پاڙو.

▯

(83)

تلهہ: عمر منهنجن اباڻن ساڻ گذجي آئون گذاريان شل.

1. مون کي ڏي مير تون موڪل، وڃان پنهنجي وطن آئون،
وڃي وچڙا ولهارن ۾، ويڙهيچن ساڻ واريان شل.

2. ٻيون سڀ چاهہ مان چارين، قريو قوڳن پاسي قرڙا،
منهنجا چيلا ڪنهن نہ چوڙيا، سي چوڙيلن ساڻ چاريان شل.

3. لهنديس آئون وڃي لائون، ڪائڙ ۾ ڪيت سان خوش تي،
ڪيل جي قول آهن منهنجا، وڃي پنهنجا سي پاريان شل.

4. منڌل موڙهل مٿو منهنجو، هجي مرُ چيڙ چوٽي ۾،

سرتين ۾ ساهيڙين کان وجي ڏر آئون ڏٿاريان شل.

5. ’ولي بخش‘ کي نٿا وسرن، رهن ٿا ياد هو هردم،
وسارڻ کين سي واجب، نڪي آئون وساريان شل.

(84)

ٿلهہ: ڪٿي مارو منهنجا ڪٿي آئون رهيس،
هت قيد عمر تو ڪوهہ ڪيس.

1. جڏهن الست بربڪم ٻول ٿيو،
تڏهن قالو بلا مون قول ڪيو،
هاڻي اهو هئين اڄي هول پيو،
آئون هُتي تہ هيڪاندي هن سان هيس.

2. تنهنجي زور ظلم ڪان لاچار لڏيا،
پڪا پائر اباڻن نيئي آڏيا،
اُتي ويڙهہ وطن سڀ گهمن گڏيا،
هڪي آءُ انهن ڪان ڌار ٿيس.

3. تنهنجي ڏڙڪن ڪين ڊيڄاريو مون کي،
مهڻن مارن جي آهي ماريو مون کي،
جن ڏيئي پڪون هو پاريو مون کي،
جي مران ملير وڃين تہ ميائي جيس.

4. نڪي ويس وڳا تنهنجا پائيندس،
نڪي لوئي لڱن تان لاهيندس،
سينڌ سرتين ڪان تہ ڳتائيندس،

(85)

ٿلهه: مون کي پل پل ياد پنهنوارن عمر، ڪيئن وساريان نٿا مون وسرن.

1. ياد پون ٿا پڪا پنوهاريون، ساٿيهه سانگي ۽ سنگهاريون،
جهر جهنگ تن جي جهونگار عمر، دم دم دل تي پيا پسرن.

2. جتي جهانگيئڙن جون جهوڪون، اتي مينهن وسي ڪيون موڪون،
لٽا ڏولاوا ڏکار عمر، هاڻ اتي پيا نوان ڏت نِسرن.

3. ميها مڪٽيون مُرت مانڌاٽا، چونديو ڏوتي آٽين ڏاڏاٽا،
ڏٽوندي سي ڏنار عمر، اهي آڏي اسر اُٿيو اُسرن.

4. 'ولي بخش' چئي وطن آءُ ويندس، آزيون نيازيون اُن کي ڪيندس،
معاف ڪنداسي ميار عمر، روح راس نہ اچي تنهنجي
جڏهن پنهنجي وري آءُ وڳر ويس.

5. مون تي راضي رب رحمان ٿيندو، منهنجو مارو آخر زمان ايندو،
'ولي بخش' چئي وٺي وطن ويندو، آئون پُڪي پرينءَ پنوهار پيس.

ڪوٽن ڪسرن.

□

(86)

تلهه: لائي لئون توسان مون دلڙي قرائي، ڪري ڏاڍ ڏاڍا تو ماري مچائي.

1. پهرين پيچ پايم ورهه پوءِ وهايم، ائين ڪونه پايم تہ ڪندين ڪا جدائي.

2. ڪري ناز نتڪو ڏئي چشم چتڪو، مري پل اقت ڪو تو وري نہ ورائي.

3. پائي ڪجل ڪاني ڪيئي دل ديواني، مٺا محب جاني تو مفت مارائي.

4. واهه واهه ڪاشا ڏسين تو تماشا، بچي بره باشا تو قيد ڪرائي.

5. ڏيانڙو ڏر تون ڪجهه قياس ڪر تون، ڏج خدا پر تون اسم اتئي خدائي.

6. ڪان 'ولي بخش' ويئي تنهنجي پيش پيئي تنهن کي ڏڍ ڏيئي ڪريو ڪا وفائي.

تلهه: محب مٺا دل جاني، دوست دلاور دلبر،
ساهه سڪي ٿو ساري، اُڪنڊ منجهه اندر.

1. سٺي سانياهي تنهنجي ڏيل ڏکن سان پريو،
اجا اتائين آيو وري وڃين ٿو وريو،
ڪيئن ڪٽيندس ڏينهڙا بي ثمرن جا ثمر.

2. ڪانگ اڏايو ڪوڙين قربو قالون پايان،
اج سياٽي ايندو اهڙيون اميدون پايان،
حال پائي تون هڪڙو، بيا سپ تان بي خبر.

3. توکي تصور بنان پل پل ڪيئن پسان،
زور جرئت نا بي جو آئون ڏوري ڏسان،
تون پنهنجو ڪرم ڪري هوت هلي آ
هيڪر.

4. پرين پياسي تنهنجا آهن اداسي ٿيڙا،
ساعت سال توري تو لايا وڃي ڏينهڙا،
آ مسافر موتي سوال سٺي تون سرور.

5. چارئي پنجئي پارنهن هردم توسان حامي،

▯

عشق ادب ۾ تنهنجو جوڙ ٿئي نا جامي،
ورڻ واري ڪا ڪجان ساقي سهڻا سڏر.

6. مولاٰ علي معاف ڪندو مڙيئي تنهنجا مشڪل،
’ولي بخش‘ جا وارث نازن پريا نرمل،
سار صديقي لهجان ولهن جا والي ور.

(88)

ٿلهه: توريءَ ساعت سال برابر، سال صدي ڪان سوايو آ.
سال صدي ڪان سوايو آ، محبت مچ مچايو آ.

1. ڏينهن ميٺاڪئون محب مٺا مون، پيچ توسان ڪو پايو آ.
سِڪندي سِڪندي سِڪ ۾ گذاريم، صبر سڪ وڃايو آ.

2. هاڻ مون کي محبوب ملو تنهنجي تانگهه طلب اچي تايو آ.
سڪ صبر ڪان ٿي پيئي سر سي، تنهن سانول يار ستايو آ.

3. جيءُ جگر ۾ جانب جاني، دونهون درد دکايو آ.
چاهه عشق جي تو جا چوري، تنهن جان جسم جلايو آ.

4. تنهنجي حُسن جو هر گهر در، هوڪو مون تہ هلايو آ،
مون کي محب منا من مهٽا، تو نازن ساڻ نمايو آ.

5. 'ولي بخش' کي يار وڪوڙي، تنهنجي گهور نيڻن جي گهايو آ،
قري دل فقير بنائڻ، سچ چئو ڪنهن تو سيکايو آ.

(89)

تلهہ: دلڙي ڪئي تو ديواني، جيءُ جا جاني قري فڪر ۾.

1. قري فقر ۾ ڪائي قيريون، دلبر لاءِ مَ ايڏيون ديريون،
اچ ڪري احساني، جيءُ جا جاني قري فڪر ۾.

2. فڪر فراق قوڙائي ماري، دوست اچي تنهن ڏي دلداري،
جانب ماٽي جواني، جيءُ جا جاني قري فڪر ۾.

3. ڪوڪون تولاءِ روز ڪري ٿي، موت منا مشتاق مري ٿي،
محب آهي مستاني، جيءُ جا جاني قري فڪر ۾.

4. ڪڏهن هاٽي عجيب تون ايندون، دوست دلاسو دل کي ڏيندو،
قدمن تان قرباني، جيءُ جا جاني قري فڪر ۾.

5. لئون لڳي سا ڪين لڪي ٿي، ساريو توکي سڄڻ سڪي ٿي،
پرين پسايو پيشاني، جيءُ جا جاني قري فڪر ۾.

6. روز هجر ۾ هِنجون هاري، تنهنجون ويٺي واٽون نهاري،
تنهنجي ٻانهن جي ٻانهي، جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾.

7. ويٺي ڏوري هاڻ ڏکن ۾ ، جنهن کي ٻيري هنئي توين ۾،
هٽي قرب جي ڪاني، جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾.

8. ’ولي بخش‘ جي وس ڪان وئڙي، تنهنجي ناز نهوڙي نيڙي،
هاٽي وتي حيراني، جيءُ جا جاني ڦري فڪر ۾.

(90)

ٿلهه: مون سان مُحب مٺي مٺار، ملي صحبت ساءُ چڪايو.

1. ساءُ چکائي صحبت وارو، لاٿو من تان سڀ مونجهارو،
لٿا دل تان درد هزار، ٿيو هاڻ لايو سڀ سجايو.

2. پردا حجاب جا سڀيئي لاهي، پاڻهي پنهنجو پاڻ پلائي،
ڇڏي تاب مڙيئي تڪرار، ويهي محبت ماڳ ملهايو.

3. منهن مقابل مون سان ويهي، ڳالهيون ڳجهيون ڪيائين ڪيئي،
دانهه دلربا دلدار، وصل وصال جو مينهن وسايو.

4. ڳڏ گوڏي سان گوڏو ڏيئي، لاٿا ساجن سور سڀيئي،
منهنجي جاني جيءُ جيار، پيچ پرت جو واري پايو.

5. سال ٿيا هئا جنهن لاءِ سڪندي پي جهاتيون پايم

لوڪان لڪندي،
تنهن اڄ وڙ ڪيا وينجهار، ’ولي بخش‘ سان نئون
نينهن لايو.

(91)

ٿلهه: موت منا منٺار وو يار، تنهنجي آهي سڪ ستايو.

1. ڪانگ اُڏايان فالون پايان، پڇان پوٽي دار وو يار،
ڳچي پاند پلاڻدڙا پايو.

2. هنجون هاريان واتون نهاريان، پل پل آهي پچار وو يار،
لڳو نينهن نہ ڪنهن بہ لڪايو.

3. پائي ليئڙو قيد تو ڪيڙو، ڪٽي حسن سندا هتيار وو يار،
مون کي نازن ساڻ نمايو.

4. توڏي نہ ڪائي مون ڏي مڙيائي، آهي محب ميار وو يار،
اوهين پنهنجو پاڻ پلايو.

5. پاڻ پلائج واڳ ورائج، 'ولي بخش' کي نہ وسار وو يار،
محبت تنهنجيءَ مچ مچايو.

□

(92)

ٹلهہ: سک ريت پريت پڄائڻ جي، کٽي خواري خلق کلائڻ جي.

1. تکڙ کري متان نينھڙو لائين، لائي پوءِ متان پڇتائين،
قرب وارن جيئن قدم اُٺائين، وک وحدت طرف وڌائڻ جي.

2. ريت پريت جي آهي نياري، بار برھ جو بيشک ڀاري،
ترک ڏيئي تون کر تياري، توکل تند وڄائڻ جي.

3. مئي محبت جو تي موالي، خيال خودي کان رهہ تون خالي،
پيري مغان کان پيءُ پيالي، حر تي حکم هلائڻ جي.

4. ڇڏي سُکن جو سپ سهارو تيءُ 'ولي بخش' ورهن وارو.
محبت ري پيو سپ مونجهارو، ڪر لائڻ توڙ نيائڻ جي.

□

(93)

تلهہ: ساهڙ منهنجو ساهہ، ور ورن ۾ ڏيئي ونگيو.

1. پار ميهار جي دونهين دُکي تي، اکين ڏٺو اُهاءُ.
ميهر ميٺاڪون مون هو منگيو.

2. گهڙيءَ ڏم سان دم گذارڻ، آهي غير گناهہ.
ڏم ڏمر سان آهي ڏنگيو.

3. تار توڪل سان آئون ترنديس، اڳهہ ڪري الله.
من ميهر جي رمزن رنگيو.

4. 'ولي بخش' چئي هردم حامي، ساٿي

شهنشاهه.
لهريون لوڏا ويندیس لنگهيو.

▯

(94)

تلهہ: اچي ساهڙ تي ساٽي، طاقت ناهي مون ۾ ترڻ جي.

1. مانگر مڇ هزارين مڙيا، واڳون آهن وچ تي وڙهيا،
ويو پتوڙي پاٽي، مهل اها اتئي يار ملڻ جي.

2. رنگ ڏسي پوءِ روح ڏنو ريلو، مون نہ پانيو تہ آهي ڪو پيلو
آئون هُيس اٽجاٽي، هيءُ آهي قضا جا ڪين ٽرڻ جي.

3. ڪپر جهور ڏين تا جهڙڪا، ڪارُونيار ۾ ڪن ڪن ڪڙڪا،
ڪري ڏم ڏيهاٽي، ڪرڪن ڪجائي سا ناهي ڪرڻ جي.

4. ’ولي بخش‘ چئي ڪر تون واهر، اصل آهيان
اوهان جي آهر،
توڙ مُنڍي تاڻي، ويس وسان هاٽي ناهيان ورڻ
جي.

(95)

ٿلهہ: ڪامون جيئن لائي متان ڙي، پرت پرديسي يار سان.

1. ويو ٻاروچو نڪري هاٽي، ڪنهن جي لاءِ ڪتان ڙي.
2. ڏنم پير پنهل جو هوت ويو آ هتان ڙي.
3. آءٌ پڻ ويندس اوڏهين جانب ويو آ جتان ڙي.
4. ’ولي بخش‘ چئي ور لاءِ تيو ويچاري وتان ڙي.

تلھہ: ور بہ مان وري آءُ تہ، وجان تي ور ڏي.

1. ڪئي مو بس پنيور ڪان، نتي ساھ سري.

2. لکيو لوح قلم جو پري ڪين ٽري.

3. آھي چت چريو ڪيو، سندي ذوق ذري.

4. محبت مچ مچايو، ھلان ڪيئن ھري.

5. ڪيل قول پنھون سان، من پرت جو پري.

6. ھوت پنھنجا ھٽڙا، شل ڏوہڙ تي ڏري.

7. آل عشق نار الله ۾، ٻانيڻ تي ٻري.

8. 'ولي بخش' ور لاءِ، تي ماندي ھي مري.



تلھہ: سسئي چڙ نہ ست ڙي، ڪاھ تہ پھچين ڪيچ ڪي.

1. ڪٽي تون پير پنھل جو، رائي ھارج رت ڙي.

2. اصل آري جام جو، آھي سور سنگتڙي.

3. پرزا پيرن سان ڪجان، پھڻ سجو پربت ڙي.

4. سک وارن سورن جو، عام نہ ڏجان انت ڙي.

5. ڪين ڇڏيندو چيرين، جانب ايندو ئي جت ڙي.

6. سک وارن تي سسئي، ھوت ڏريندو ھٿ ڙي.

7. پيئندين جام پنھل سان، شوق وارو شربت ڙي.

8. 'ولي بخش' چئي ور لاءِ، ووءِ ووءِ ڪندي وت ڙي.

(98)

تلهه: جت وجئي تو زور ڙي هل نه پهچين هوت کي.

1. غفلت توکان يار گوايو، سمهي تو آ سور پرايو،
حجت توکان هوت وڃايو، دل ترازي تورڙي.

2. پت پنهل سان جا پاريندي، سک پنيور جا سا نه ساريندي،
گهوت بنان ڪينئن گهر گهاريندي، تون نه ڏونگر ڏور ڙي.

3. وچ وجي هاڻ ور ورائج، پيير پنتي تون نه پائج،
سينو ساجن سان نه ساهج، سر گهور کيو تون گهور ڙي.

4. متان ويهين ور وساري، سور سيئي ڪٽجان ساري،
هوت گڏ بئي هاڙي ڏاري، پوءِ اتي آري سان اور ڙي.

5. 'ولي بخش' چئي وچ تون ڪاهي، تنهنجو هاڻ هتي پوءِ چاهي،
جيئڻ آڏو جت آهي، مر نه ماڻين مور ڙي.

تلهه: ڪنيزڪ ڪيچيءَ جي اصل ڪان آهيان آئون.
پنهل سان پرت جون لڏيون مون ڪي لائون.

1. ڀنڀور ۾ ڀوري ڪاڻ اديون ڄام آيو،
خوش تي ڪتياڻي نازڪ نينهن لايو،
ويو پوءِ وساري ڀچان رند راهون.

2. ڏکي ساڻ ڏيرن آهي ڏاڍ ڪيڙو،
جانب لاءِ جيڏيون جلي جان جيئڙو،
ڏکيءَ کي ڏکن تي ڏکڙا ڏنائون.

3. رهيو هاڻ هت ڇا وڃان ٿي وندر ۾،
پسان ماڻ پنهل کي وڻڪار ور ۾،
ملي من محب مون منگان تي دعائون.

4. آڏا لک لڪيون جبل جال ڏونگر،
ڪنديس ڪاڻ ڪيچيءَ ڪافن ۾ ڪوڪر،
سٽي مان صاحب سائل جون سدائون.

5. ’ولي بخش‘ ور لئه تي ٻانيڻ ٻاڏائي،
مون کي محب منهنجو من موليٰ ملائي،
پڄائيندو پرور من جون مدائون.

(100)

ٿلهہ: آءٌ ڪم ذات ڪوجهي، ڪڪي ڪاج ڪائيان،
سمي ڪيس سڀاڳي سا ٿي ڳالهہ ڳائيان.

1. ڪُسب ۽ نصّب ۾، اصل ڪان آءٌ ايري،
نوازي نظر سان، سمي ڪيس سڀري،
ڀلي ڪيون ڀلايون، ڀلا ڀال پائيان.

2. منهنجا ڪرت ڪوجها، آءٌ مي مهاڻي،
نوازي نظر سان، ڪيئين راڄ راڻي،
نہ شاهہ سان شراڪت، ڳچي پانڌ پائيان.

3. ڏنا جام انعام، ڪنگالن کي ڪيئي،
ٿيا پر پئينار، سائل سڀيئي،
پٽي جام پيرن، لڳن کي آءٌ لائيان.

4. ’ولي بخش‘ چئي شل، رهي راءُ راضي،
مڃي من محب مون، نوري جي نيازي،
ڪري نياز نئڙت، نميو سرڙو نائيان.

(101)

ٽلهه: آيو تڙ تماچي نوازئين اڇي نوري،
مهاڻن سان محبت، رکي پرت پوري.

1. ڪينجهر جي ڪنڌي تي، ٿيا رس رهاڻيون،
ڪريو ميل محبت، ٿيون مرڪن مهاڻيون،
بدبوءِ بدلي، تي خوشبوءِ ڪٿوري.

2. ڪٽي ڪاج ڪڪيون، ڪئي سيني سلامي،
ڪري نياز نوريءَ، ڪيو عالم انامي،
ٿيو معاف محصول، وئي مجبوري.

3. سمي چام جا مدام، ويني ڳڻ ڳائي،
هئس ڪاج ڪڪيون، ڪٿوري سا ڪائي،
ڪيو گوشو گندگيءَ، هاٽي تي حضوري.

4. سهاڳ سمي جي، ڪئي راج راڻي،
ويهو ڳنڍ گوڏي، تي مرڪي مهاڻي،
وصال سان ’ولي بخش‘، ويس وهلوري.

ٿلهه: سوڍل کي ڙي سرتيون، ٿو ساھ منهنجو ساري،
ويٺي واٽ نهاريان، ڪڏهن ايندو اوتاري.

1. ويهو وهائيان راتڙي، نڪٽ نهاري،
موٽيو تان نہ مهندرو، جو مئي ويو ماري.

2. اکين آب سڪايو، اتي جيڏيون جر هاري،
گڏي مون کي گوندرين، هو ٻارڻ ويو ٻاري.

3. سبق سڪ سورن جا، ويو سوڍو سيکاري،
وري وريو نہ ولهو، آئون ماريس مونجهاري.

4. 'ولي بخش' چئي وصال جي، شل واڳ اچي واري،
ڪا راڻل رهي راتڙي، من گڏجي گذاري.



ٿلهہ: مياروں مون ڏي مهندرا، آهن مڙيئي،
بخش مون بدڪار کي، تون سوڍل سڀيئي.

1. ڪيم ڏوھ ڏنگايون، ساريم نہ سيئي،
موٽي آيون منهن ۾، مون جانب ڪيون جيئي.

2. اڳلي اوڳي اوڳٽي، آئون آهيان اڳيئي،
ڏکج ڏول ڏلايون، ڪو پاند پناھ ڏيئي.

3. سوڍا تولئہ سڪن ٿيون، مون جهڙيون ڪيئي،
ناتو ننگ نياڻج تون نذر سان نيئي.

4. 'ولي بخش' چئي ولها، آئون وس ڪان هاٽي ويئي،
پري پلاند پاپ جا، آهيان پيش اچي پيئي.

بيت

ياعلي مُشڪل ڪُشا دُل دُل سندا اي هسوار
تيءُ مدد مسڪين جي هامي حمايت هر وار
معاف مشڪل ڪر مڙيئي ۽ حب ڏي حيدر قرار
لافتح الاعلي لاسيف الا ذوالفقار
شيرِ يزدان شاهه مردان قوت پروردگار
وارث وسيلا ’ولي بخش‘ کي دائم ڏيو پنهنجو ديدار

بيت

سڏڙا سڄ سرور علي حاڪم هيٺن جا آ هلي،
گل آهين گوهر مٺا تنهنجي آ مون دامن جهلي،
تنهنجو طالب آهي جيڪو، تنهنجي پلا تون ڪري پلي،
تنهنجي طالبن سان ڪسي جو تنهن تڙيل ڪي هڻ تلي،
’ولي بخش‘ جي هر وقت واهر وسيلا ڪر ولي،

رهبر آهين راهنما آهي رمز رب تو ۾ رلي،
ساعت ڪر سولي تنهنجي طالبن جي.

### بيت

وحدت جا وينجهار وري ڪج ورڻ جي،
مدد تنهنجي مُصطفيٰ چڱا چارئي يار،
پنجتن پاسو تنهنجو هميشه هر وار،
طالب المولیٰ جا توسان آهن پرت پيار،
قريشي قلبن جا امين محمد اُجار،
ڦيرو ڪج فهيم تون جاني جيءُ جيار،
وارث ’ولي بخش‘ جا مُحب منا منٺار،
آهيون تون آڌار وارج واڳ وصال جي.

### بيت

ساٽي سلام سڄڻ کي ڏج سو هزارين لک،
پرين تنهنجي پرت جي پيم هاڻ پرک،
ڪارڻ رب الک سگهو موتج سپرين.

### بيت

ساٽي سلام سڄڻ کي ڏجان ڪروڙين پدم،
عاشق اوهان جو آهيان اڳي ڪان عدم،
پريو ڪي قدم ’ولي بخش‘ ڏي وصال جا.

### بيت

اڇيو چڙهن چت تي چاليون ۽ ڳالهيون،
بي ڪنهن سان ڪرڻ جون ڪين ڪي جي تو سڄڻ سيکاليون،
بيون ڳالهيون ڳالهين جهڙيون هي نينهن جون نراليون،
اندر ڏيو اُڌما ٽيون اڪيون ڪن آليون،
اهي پرين مون پاليون توسان ڪنديس تن جون.

بيت

مُحب سگها ملو اچي سکايو آهي سک،
اچي ويهو وجود ۾ جيئن منديءَ متي ٽڪ،
لڱو نينهن نسنگ تي هاٽي کهڙي لکوٽي لک،
وسهو ته وهو تي 'ولي بخش' وهڪ،
پرين پياري پڪ وري سار نه لڌوَ سپرين.

بيت

اوهان سار نه لڌي سپرين آءٌ سکان ۽ ساريان،
اچن سور سڌون کريو کهڙيءَ ٽل ٽاريان،
وره ۾ 'ولي بخش' چئي گهايل ٽيو گهاريان،
هنجون ٽو هاريان سگها مُحب ملو اچي.

بيت

اکيون اڻ جهل آ کريون مارين ٽيون مهمير،
کئين کُنائون کيترا اکابر امير،
کئين نمائي کجلين قيري کيا فقير،
هئا 'ولي بخش' وير پر وِره وهائي آئيا.

بيت

اکيون اکڙين سان جڏهن ٽيون اٽکن،
هو نهارين ناز مان هي نياز ۾ نمن،

پورا پاتا پيچ کي پڪا پنبڻين،
مون کي معشوقن نازن ساڻ نمائيو.

□

بيت

ناز ۽ نياز جو ڪونهي حد حساب،
نيڻن واري ناز جو آهه تڪيرو تاب،
نياز نماڻو ٿيو آٽي رڳو آب،
سور سرجن سڪ مان آهي سڪ ثواب،
لاشڪ لاجواب 'ولي بخش' ورهه ٿيو.

بيت

مون ڏي مارؤ مير جا هزارين حرف ٿيا،
الست بر بکم مونکي قول ڪيا،
عمر اباڻن ريءَ مون کي پهر پيا،
اسين اصل تنهنجا نڪي سيڻ سيا،
ويڙهيچا ويا سور تنهنجي سومرا.

بيت

سور تنهنجي سومرا سانگ ويا سانگي،
وريو نہ ويڙهيچن مان وري ڪو وانگي،
آئون قابو ڪوٽ ۾ هو جهنگ رهيا جهانگي،
ان ريءَ اڙانگي ٿي گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

بيت

سانگي تنهنجي سور ڏيهي پرڏيهي ٿيا،
سانگي ساريو سومرا آئون وجان ٿي وهلور،

لھن ڪين لک سينءَ من تان مارو مور،
‘ولي بخش’ چئي وطن ڪان ٿيا ڏيھائي ڏور،
آڏيءَ ۾ اُسور ساريو ويٺي سارِيان.

□

### بيت

ساريو ويٺي سارِيان پڪا ۾ پنوھار،
وسرن ڪين وجود مان ساٽيھ ۾ سنگھار،
قيدن ڪنبايس ڪين ڪي ماريس آءُ ميار،
مون ڏي مارؤ مير جا ٿيا حرف ھزار،
سانگي ميل ستار واري ‘ولي بخش’ ڪي.

### بيت

ڏسي اَڙنگ اُپ ۾ ٿيون اکيون بہ اَڙنگ ڪن،
ھو وٺو وڏڦڙو ھي بہ وسيو ٿيون وسن،
ھُن وسي بس ڪئي ھي بي وس ڪين بيھن،
ساري پنھنجا سُپرين ڪيا اوھيرا اکڙين،
پسڻ ريءَ پرين ڪڏھن او ڪاٽيون ڪين
ڪي.

### بيت

ڪڏھن اوڪاٽيون ڪين ڪي وسي وسي
وٺيون،
مات نہ ڪن مورھين محبت جون مٺيون،
‘ولي بخش’ وسن ٿيون قرب جون ڪٺيون،
سي سپين ڪان سٺيون جن وسي پرينءَ واريا.

### بيت

ڪاهي رسندي ڪيچ ڪي آري ٽيندو اڳواڻ،
سڪن سانگ نہ ڪيڙو سور آهنس ساڻ،
چئي ’ولي بخش‘ وساريو ڄام نہ ڪيس ڄاڻ،
پهرين هن پروڙيو پرت جو پرياڻ،
پوءِ محبت جو مهراڻ پلٽي پيو پرت تي.

□

### بيت

سهٽي صدقو ساهڙ تان پر سو ٻيا صدقا،
ڪندي هيئن نہ قرب ۾ اندر ڪي اڏڪا،
ٻڏي ٻاتاري نہ ٿي درياءَ جا ڏڏڪا،
ساهڙ ساٽي تنهنجو مان مري ائين منڏڪا،
’ولي بخش‘ وڏڪا سهٽي ڪان سڪ ۾.

### بيت

آءُ وڃان ٿي ور ڏي ور بہ مان وري،
ڪيل قول پنهونءَ سان شل پرت جو پري،
ڪيم بس پنيور ڪان نٿي ساهہ سري،
’ولي بخش‘ ورهہ جي آيو منجهہ آري،
ٻانيڻ ٿي ٻري ڪاٽي ڪوري وچ ۾.

### بيت

ڪاٽي ڪوري وچ ۾ ڪٽياٽي ڪاٽي،
سڪن سانگ نہ ڪيڙو اچي سور ٿيا ساٽي،

پرت ۾ پنهل جي تي پچي پر تياٽي،
’ولي بخش‘ ور لاءِ هي وندر وڪاٽي،
سنجهه ڪي سياٽي ڪاهي رسندي ڪيچ
ڪي.

□

**بيت**

سهڻي ڪي ساهڙ ريءَ ساعت نہ سرندي،
جا صدقو ڪندي سر ڪي پت تهين پرندي،
’ولي بخش‘ وسان ويئي سا وچان نا
ورندي،
تار تانگهو ترندي وجي پئي وٿاڻ تي.

**بيت**

ڪانگا وج قريب ڏي خبر ڪر خاصي،
تُنهنجيءُ طلب جا آهيون پرين پياسي،
ساجن سڪون تولاءِ ٿيو سڪ ۾ سنياسي،
آهيون اُداسي پرين تنهنجيءَ پياس ۾،

**بيت**

پرين تُنهنجي پياس ۾ سڪان ۽ ساريان،
اچڻ لئہ عجيب تو نئين سج نهاريان،

’ولي بخش‘ چئي ورونھ ۾ اُپو او ساريان،
هنجون ٿو هاريان سڄڻ تنهنجي سڪ ۾.

♣